جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاھ

جلد 17 | جمعو 16 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 04 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 05

# سنڌ حڪومت ۽ چيني ڪمپنين وچ ۾ 34 ياداشتنامن تي صحيحون، سيڙپڪارن لاءِ 10 سالن جي ٽيڪس ڇوٽ جو اعلان

12 سالن جي وقفي کانپوءِ شنگهائي ۾ تازو منعقد ٿيل ٻي سنڌ انويسٽمينٽ ڪانفرنس صوبي ۾ چيني سيڙپڪاري، روزگار جي موقعن ۽ صنعتي جديديت جي هڪ نئين دور جو آغاز ڪندي: مراد علي شاھ

سنڌ حڪومت جي ادارن ۽ چيني ڪمپنين 34 ياداشتنامن (MoUs) تي صحيحون ڪيون آهن، ٻنهي طرفن جي نجي شعبي جي ڪاروباري ادارن وچ ۾ پڻ ڪيترائي معاهدا ڪيا ويا

ٽيڪنالاجي، توانائي ۽ بنيادي ڍانچي تي ڌيان: وڏي وزير مراد علي شاھ زور اهي ياداشتناما صرف علامتي ناهن پر انهن جي پٺيان سخت ابتدائي زميني ڪم ٿيل آهي

جيڪو انهن کي تيزيءَ سان عملي منصوبن ۾ تبديل ڪرڻ کي يقيني بڻائيندو. ٻه طرفي تعاون کي وڌائڻ لاءِ جن وڏن شعبن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي

تن ۾ ٿرڪوئلي جو استعمال، اليڪٽرڪ گاڏين (EVs) جي تياري ۽ چارجنگ اسٽيشنن جو قيام، تجديد جوڳي توانائي (هوا ۽ شمسي)، جديد زراعت ۽ ڊجيٽل تبديلي شامل آهن

مستقبل جي معاشي منصوبن تان پردو کڻندي، وزيراعليٰ آرٽيفيشل انٽيليجنس، وڏي پيماني تي ڊيٽا پروسيسنگ ۽ جديد ترين ڊيٽا سينٽرن جي قيام ۾ تعاون جا وسيع امڪان نوٽ ڪيا

شنگهائي (رپورٽر) ٻه طرفا معاشي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي ڪوشش تحت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ چيو آهي ته 12 سالن جي وقفي کانپوءِ شنگهائي ۾ تازو منعقد ٿيل ٻي سنڌ انويسٽمينٽ ڪانفرنس صوبي ۾ چيني سيڙپڪاري، روزگار جي موقعن ۽ صنعتي جديديت جي هڪ نئين دور جو آغاز ڪندي. شنگهائي ڪانفرنس کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير مراد علي شاھ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

شنگهائي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاھ تقريب کي خطاب ڪندي

## پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ ڪي پي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي منظوري

پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن ۾ سينيٽ جي چيئرمين يوسف رضا گيلاني سميت حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي وڏي انگ ۾ ميمبرن شرڪت

خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت دستاويز گڏيل اجلاس ۾ پيش ڪيا ويا. صدر مملڪت پاران ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت دستاويز آئين جي آرٽيڪل 232 جي شق 7 تحت ايوان ۾ رکيا ويا

گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت دستاويز آرٽيڪل 234 جي شق 3 تحت پيش ڪيا ويا وفاقي وزير پارلياماني معاملن ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت صدارتي اعلان ايوان ۾ پيش ڪيا

ايوان ۾ آئين جي پاسداري ڪرڻ ۽ بنا خوف ۽ دٻاءَ جي پنهنجون ذميواريون نڀائڻ سندن فرض آهي مخالف ڌر جي احتجاج دوران قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق ووٽن جي ڳڻپ جو حڪم ڏنو

ٺهراءَ جي حق ۾ 214 ووٽ پيا، مخالفت ۾ 56 ووٽ ڏنا ويا. اهڙيءَ طرح ٺهراءُ اڪثريتي ووٽن سان منظور ڪيو ويو

مخالف ڌر جا ميمبر ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ۽ احتجاج طور ايوان اندر نعريبازي ڪندا رهيا

اسلام آباد (بيورو) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو صدارتي فرمان اڪثريتي ووٽن سان منظور پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت صدارتي فرمان اڪثريتي ووٽن سان منظور ڪيو ويو پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اپوزيشن اڳواڻن سان پارليامينٽ جي اجلاس ۾ هٿ ملائيندي

## لاهور: سيمنٽ جي ٻورين سان ڀريل ٽرالر جو گاڏي کي ٽڪر، مڙس، زال، پٽ چيپاڻجي فوت

لاهور (م د) لاهور ۾ سيمنٽ جي ٻورين سان ڀريل ٽرالر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ گاڏي ۾ سوار 3/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

## صدر، وزيراعظم، گورنر خيبرپختونخواھ، بلاول ۽ ٻين اڳواڻن طرفان اسڪول حادثي ۾ فوتگين تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ ٻين سياسي اڳواڻن پشاور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

## ڪي پي ۾ گورنر راڄ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟ بلاول ڀٽو ۽ محسن نقوي وچ ۾ صلاح مشورا

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ ون ٽو ون ملاقات ٿي

جنهن دوران خيبرپختونخوا جي امن امان واري صورتحال ۽ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ کانپوءِ سياسي حڪمت عملي تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن تي سڄي قوم کي فخر آهي: محسن نقوي

7 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي غيرمتزلزل عزم ۽ اعليٰ پيشاورانه صلاحيتن کي ساراهيو

دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائيندڙ سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن تي سڄي قوم کي فخر آهي

اسلام آباد(بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بلوچستان جي ضلعن واشڪ ۽ مستونگ ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ۽ اثرائتين ڪارر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

## اسڪول جي بنياد ڏيڍ سال اڳ رکيو هو، برساتن سبب حادثو پيش آيو: اسڪول مالڪ جو بيان

پشاور (م د) پٽ پيل اسڪول جي مالڪ چيو آهي ته حادثو برساتن جي ڪري پيش آيو آهي نجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

## پشاور: خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب ٻارن ۽ استادن سميت 35 ڄڻا فوت، پرنسپال گرفتار

امدادي ٽيمن کي اسڪول تائين پهچڻ ۽ امدادي ڪارروايون ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو

چاڪاڻ ته اسڪول شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ قائم آهي. ليڊي ريڊنگ اسپتال 33 فوتگين جي تصديق ڪئي

اسپتال ۾ آندل 33 لاشن ۾ 25 ورهين جي استاني ثمرين بي بي به شامل آهي. اسپتال آندل ٻارن جي عمر 6 کان 14 ورهين جي وچ ۾ ٻڌائي وئي

پشاور (م د) پشاور جي علائقي دير ڪالوني ۾ خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب فوت ٿيلن جو انگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

## خيبرپختونخوا ۾ في الحال 6 مهينن لاءِ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو آهي: خواجه آصف

جنهن کانپوءِ وڌيڪ 2، 3 يا 6 مهينن لاءِ ان جي مدي ۾ واڌ ڪرڻ تي ٻيهر غور ڪري سگهجي ٿو

هن وقت تائين خيبرپختونخوا ۾ احتجاج جا ڪي به آثار نظر ناهن آيا

اسلام آباد (بيورو) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ في الحال 6 مهينن لاءِ گورن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3



پشاور: نجي اسڪول جي ڇت ڪرڻ بعد ريسڪيو ٽيمون ٻارڙن کي ڪڍي رهيون آهن

## وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي موڊيز جي نمائندن سان ملاقات، پاڪستان جي معاشي صورتحال تي ڳالهيون

پاڪستان جي معاشي صورتحال ۽ خودمختيار ڪريڊٽ پروفائل تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ٻاهرين شعبي جي اشارن ۾ سڌاري ۽ عالمي سرمائي جي منڊين تائين ٻيهر پهچ حاصل ڪرڻ بابت معاملن تي بحث ڪيو ويو

بينڪاڪ(م د)ناٿي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ملاقات ڪندي

## صدر آصف علي زرداري جو سيڪيورٽي فورسز کي ڀيٽا

صدر علائقي ۾ ٻين پرڏيهي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگردن جي خاتمي لاءِ جاري ڪليئرنس آپريشنز کي پڻ ساراهيو

اسلام آباد( بيورو)صدر مملڪت آصف علي زرداري پنهنجي بيان ۾ واشڪ ۾ انٽيليجنس بنيادن تي ڪامياب آپريشن دوران پارٽي سرپرست/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

## سنڌ حڪومت ۽ چيني ڪمپنين وچ ۾ سرمائيڪاري جي 34 مفاهمتي ياداشتن تي صحيحون

10 حڪومتي سطح تي (جي ٽو جي) 24 ٻين ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ (بي ٽو بي) معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون. سنڌ ۾ چيني سرمائيڪاري سان نوان موقعا پيدا ٿيندا: شرجيل انعام ميمڻ

ڪانفرنس جي دوران پاڪ چين ڪاروباري ڀائيواري کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ مختلف شعبن ۾ مفاهمتي ياداشتن تي صحيحون ڪيون ويون. توانائي، ڪوئلي ۽ يونيورسٽين سميت ٻين اهم شعبن جي مفاهمتي ياداشتن تي صحيحون ٿيون

سنڌ حڪومت طرفان شنگهائي سرمائيڪاري ڪانفرنس ۾ پاڪستان ۽ چين جي سرمائيڪارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. سرمائيڪاري ڪانفرنس جي دوران سنڌ ۾ سرمائيڪاري جي موقعن کي اجاگر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) چين ۾ شنگهائي سرمائيڪاري ڪانفرنس جي دوران سنڌ حڪومت ۽ چيني ڪمپنين جي وچ ۾ سرمائيڪاري جي 34 مفاهمتي ياداشتن تي صحيحون ڪيون ويون. سينئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ وڊيو بيان ۾ ٻڌايو ته 10 حڪومتي سطح تي(جي ٽو جي) 24 ٻين ڪاروبار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

## پاڪستان ۾ گذريل ٽن ڏهاڪن دوران گاڏين جي انگ ۾ 770 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ

جنهن سبب فضائي گدلاڻ ۾ پڻ نمايان اضافو ٿيو آهي ملڪ ۾ 1990ع ۾ گاڏين جو انگ 44 لک 70 هزار هو

جيڪو 2025ع تائين وڌي 3 ڪروڙ 90 لک کان به وڌي ويو. ساڳئي عرصي دوران ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي اخراج ۾ پڻ واڌ ٿي

1990ع ۾ ان گئس جو اخراج هڪ ڪروڙ 38 لک ٽن هو، جيڪو 2023ع ۾ وڌي 4 ڪروڙ 36 لک ٽن تي ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ گذريل ٽن ڏهاڪن دوران گاڏين جي انگ ۾ 770 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ ٿي آهي، جنهن سبب فضائي گدلاڻ ۾ پڻ نمايان اضافو ٿيو آهي ملڪ ۾ 1990ع ۾ گاڏين جو انگ 44 لک 70 هزار هو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

اسلام آباد: جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف کڻي ورتو

## جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف کڻي ورتو

جسٽس جمال مندوخيل جسٽس منيب اختر کان حلف ورتو. حلف برداريءَ جي تقريب سپريم ڪورٽ ۾ ٿي

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي انگلينڊ جي نجي دوري تان 21 آڪٽوبر تي واپس ايندا

اسلام آباد (بيورو)چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي انگلينڊ جي نجي دوري سبب جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف کڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

## اپوزيشن پاران ڳالهين واري عمل کان ڌار ٿي، ٻاهرين اثر رسوخ سبب ڳالهيون متاثر ٿيون: شيري رحمان

اپوزيشن پنهنجا گهڻا مطالبا مڃرائي چڪي هئي، پر ان پاڻ کي ڳالهين واري عمل کان ڌار ڪري ڇڏيو

لانگ مارچ ۽ احتجاجي سياست مسئلن جو حل ناهن، جڏهن ته ٻاهرين اثر رسوخ سبب ڳالهين وارو عمل متاثر ٿيو

جيڪڏهن معاهدي تي صحيحون ٿي وڃن ها ته هو بانيءَ کي سموريون سهولتون يقيني بڻائڻ لاءِ سات ڏين ها

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ کان اڳ ڳالهين کي ترجيح ڏني وئي هئي، جڏهن ته بيرسٽر گوهر به ڳالهين جي معاملي ۾ سنجيده هو. پارليامينٽ جي گڏيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

## ملڪ ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جهڙيون حالتون نه هيون: بيرسٽر گوهر

پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ايڪس اڪائونٽ واري ڪيس ۾ 23 نومبر جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي

ملڪ ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ اهڙيون حالتون موجود نه هيون. سموري بيوروڪريسي کي تبديل ڪيو ويو آهي

11 آڪٽوبر کان پوءِ سهيل آفريدي سان سندن ڪو به رابطو نه ٿي سگهيو آهي. صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سان به رابطو نه ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) بيرسٽر گوهر پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته ملڪ ۾ اهڙيون حالتون نه هيون، جو ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪيو وڃي. هڪ سياسي پارٽيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

## وفاقي آئيني عدالت سهيل آفريدي جي وڏي وزير طور مقرري خلاف درخواست بي اثر قرار ڏئي اڪلائي ڇڏي

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي نٿي ٿي سگهي

چاڪاڻ ته هن وقت سهيل آفريدي وڏي وزير جي عهدي تي مقرر ناهي. جسٽس باقر نجفي رمارڪس

ايمرجنسي ختم ٿيڻ ۽ وڏي وزير جي بحالي جي صورت ۾ نئين درخواست داخل ڪري سگهجي ٿي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت خيبرپختونخوا جي وڏي وزير طور سهيل آفريدي جي مقرري خلاف شيرافضل مروت جي درخواست بي اثر قرار ڏيندي اڪلائي ڇڏي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس امين الدين خان رمارڪس ڏنا ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي نٿي ٿي سگهي، چاڪاڻ ته هن وقت سهيل آفريدي وڏي وزير جي عهد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

## بيرسٽر گوهر خان جي آفيشل ايڪس اڪائونٽ کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان جو ايڪس اڪائونٽ بند ڪرڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي

نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جا عملدار پڻ عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان عمران خان جي آفيشل ايڪس اڪائونٽ کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏيپي ٽي آءِ چيئرمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

## اسحاق ڊار جو ترڪ هم منصب سان رابطو، غزه ۽ او آءِ سي اجلاس تي اهم ڳالهيون

ٻنهي پرڏيهي وزيرن علائقائي ۽ عالمي صورتحال، گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ڳالهين جي دوران غزه ۽ فلسطين جي صورتحال به بحث هيٺ آئي ٻنهي اڳواڻن لاڳاپيل معاملن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو

(او آئي سي) جي پرڏيهي وزيرن واري ڪونسل جي آئنده اجلاس جي ايجنڊا ۽ حڪمت عملي تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ٻنهي پرڏيهي وزيرن گڏيل حدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻطرفن رابطن ۽ گهڻ گهري فورمز تي ويجهن رابطن جي اهميت تي زور ڏنو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ترڪ پرڏيهي وزير خاقان فيدان سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو. جنهن ۾ غزه، علائقائي صورتحال ۽ او آئي سي اجلاس تي ڳالهيون ٿيون. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ٻنهي پرڏيهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

## گيانچند ايسراڻي پاران ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت

سار سنڀال، انساني وسيلا (افرادي قوت)، تربيتي سرگرمين، بنيادي ڍانچي، مالي معاملن ۽ زيرالتوا منصوبن تي تفصيلي غور ڪيو ويو

سڄي سنڌ ۾ ايمرجنسي ريسپونس نظام کي وڌائڻ ۽ نون اسٽيشنن جي قيام لاءِ ڪارروايون تيز ڪرڻ جي هدايت

ريسڪيو 1122 جي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر ۾ روزاني سراسري طور 24 هزار 700 ڪالز موصول ٿينديون آهن

ساليانو ڪالز جو اندازو لڳ ڀڳ 98 لک آهي. ريسڪيو سروس جو سراسري ريسپونس ٽائيم 8 کان 12 منٽ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي واري ڪاتي جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 جي ڪارڪردگي ۽ اڳيرائي بابت هڪ جائزو اجلاس منعقد ٿي گڏريو اجلاس ۾ ايمرجنس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

## سيڪيورٽي فورسز جون بلوچستان ۾ ڪارروايون، 7 دهشتگرد مارجي ويا

واشڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ۾ 5 ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز 12 ۽ 13 آڪٽوبر جي رات دير سان واشڪ ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو

راولپنڊي (م د) سيڪيورٽي فورسز جون بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 جي تحت فتنه الهندستان ۽ انساني اسمگلرز جي خلاف ڪاررو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

## فريال ٽالپر بابل خان جکراڻيءَ جي رهائشگاهه تي پوليس جي ڇاپي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

ڪراچي( رپورٽر) سنڌ اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي چيئرپرسن براءِ داخلا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## جعلي ڊگريءَ جي فوجداري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ جمشيد دستي جي عبوري ضمانت منظور

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ جعلي ڊگريءَ جي فوجداري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳوا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

لاهور: وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين کي گلدستو پيش ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي ميڊيا سان ڳالهائيندي

## جي يو آءِ جي بزرگ اڳواڻ مولانا فيض محمد ڊول جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

جيڪب آباد (رپورٽر)جمعيت علماءِ اسلام جي ممتاز مرحوم اڳواڻ مولانا فيض محمد ڊول جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

## گلشنِ حديد ۾ ڦرن ۽ چورين جي وارداتن جو سلسلو رڪجي نه سگهيو

ڪراچي(رپورٽر) گلشن حديد ۾ ڦرن ۽ چورين جي وارداتن جو سلسلو رڪجي نه سگهيو. رات دير سان 6 جوابدارن اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

## ڪوڪلين ڳالهين ۽ دعوائن سان ڪجهه نٿو ٿئي، بيرسٽر گوهر

ڳالهيون ڇڏي ڏيو. هن سوال اٿاريو ته ڊيڊ لاڪ جي صورت ۾ ڇا ڳالهيون ختم ٿي وينديون آهن؟

ڇا ڳالهين ۾ ڌريون ٽيبل تان اٿي وينديون آهن؟ اهي ڪير ماڻهو هئا جنهن اوهان کي ڳالهين جي ميز تان اٿاريو ۽ ڇو؟

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر بلاول ڀٽو جي ڳالهين جي دعوت تي جواب ڏيندي چيو آهي ته ڪوڪلين ڳالهين ۽ دعوائن سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## ڪراچي ۾ ڀت ۽ عمارت ڪرڻ جا 2 واقعا، 6 ورهين جي ٻارڙي سميت 2 ڄڻا فوت

جنهن جي لاش کي ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪئي وئي

جتي مقتول ٻار جي سڃاڻپ 8 ورهين جي عبدالغني ولد عبدالله جي نالي سان ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سرجاني ٽائون لياري 36 ۾ گهر جي ڀت ڪرڻ سبب گهر ۾ راند ڪيڏندڙ 6 ورهين جو ٻارڙو ملبي هيٺيان دٻجي فوت جڏهن ته شاھ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

## بن قاسم ٽائون جي گلشنِ فلڪ ناز سوسائٽيءَ ۾ هڪ ئي خاندان جي پنجن ڄڻن جي فوت ٿيڻ واري واقعي جي جاچ لاءِ ملير پوليس جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر)بن قاسم ٽائون جي گلشنِ فلڪ ناز سوسائٽيءَ ۾ هڪ ئي خاندان جي پنجن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

## اعجاز جکراڻي جو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي والد جي گهر تي پوليس جي ڇاپي خلاف احتجاج

واقعي جي اعليٰ سطحي جاچ ۽ ذميوار پوليس آفيسرن توڙي اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

سندس والد جي گهر تي ڇاپي سان چادر ۽ چوديواريءَ جي تقدس جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر اعجاز جکراڻي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي والد جي گهر تي پوليس جي ڇاپي خ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

## لاهور ۾ تيز برسات جو سلسلو جاري

روڊ پاڻي هيٺ اچي ويا، موسم خوشگوار، ٿڌ ۾ اضافو

ايندڙ گاڏي کان مناسب فاصلو برقرار رکو ۽ اوچتو بريڪ لڳائڻ کان پاسو ڪريو ته جيئن حادثن کان بچي سگهجي

لاهور (م د) لاهور ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ فجر جي نماز کان پوءِ ڪنوڻ سان شروع ٿيندڙ تيز برسات جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب مو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

## ميررضا علي خان جي موت بابت جاچ ڪندڙ عدالتي ڪميشن پنهنجي جاچ رپورٽ سنڌ حڪومت حوالي ڪري ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر)ميررضا علي خان جي موت بابت جاچ ڪندڙ عدالتي ڪميشن پنهنجي جاچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

لاهور: پنجاب يونيورسٽي جي زيراهتمام لڳل بڪ اسٽال تي نياڻيون ڪتاب خريد ڪري رهيون آهن

## ايس پي ايس سي خلاف شاگردن جي جدوجهد جاري، مطالبا نه مڃيا ويا ته تاريخي لانگ مارچ ڪنداسين: ذبيح الله مستوئي

ڪجهه دوست چوندا رهيا ته ايس پي ايس سي خلاف ڪجهه به نه ٿيندو، پر هو پنهنجي مقصد تي قائم آهن ۽ جدوجهد جاري رکندا

جيڪڏهن سندن مطالبا نه مڃيا ويا ته تاريخي لانگ مارچ ڪيو ويندو. سندس چوڻ هو ته هو سرڪاري ملازم ناهن

جو مطالبن تان هٿ کڻي وڃن، پر شاگرد آهن ۽ مطالبا نه مڃڻ جي صورت ۾ سخت ردعمل ڏيندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ايس پي ايس سي) خلاف احتجاج ڪندڙ نوجوانن جي مطالبن بابت سنڌ حڪومت جي وفد سان ٿيل ڳالهين ۾ سي سي اي 2024 وارو معاملو عدالت ۾ هجڻ جو موقف اختيار ڪيو ويو. جڏهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

## بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 7 دهشتگرد مارجي ويا، 104 غيرقانوني افغان شهري گرفتار

واشڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪندي ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

12 ۽ 13 آڪٽوبر جي وچين رات واشڪ ۾ دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو

سيڪيورٽي فورسز تڪڙي ۽ فيصلائتي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي تباهه ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 7 دهشتگرد مارجي ويا، 104 غيرقانوني افغان شهري گرفتار بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت فتنه الهندستان ۽ انساني اسمگلرن خلاف ڪارروايون دوران ضلعي مستو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
جمعو 16 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 04جمادي الاول 1448هه

# خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت ۽ جمهوريت جو امتحان

خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ، ان جي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان منظوري، گورنر راڄ بابت بحث ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران عدالت سان رجوع ڪرڻ وارن واقعن ملڪ جي سياسي صورتحال کي هڪ ڀيرو ٻيهر غيريقينيءَ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. هڪ طرف وفاقي حڪومت صوبي ۾ بدامني، دهشتگردي ۽ انتظامي ناڪامين کي هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو سبب قرار ڏئي رهي آهي، ته ٻئي طرف پي ٽي آءِ ان قدم کي جمهوري حڪومت ختم ڪرڻ ۽ سياسي اختلافن کي طاقت ذريعي دٻائڻ جي ڪوشش سمجهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ جا سياسي اڳواڻ ۽ حڪمران اختلافن کي آئيني، جمهوري ۽ ڳالهين واري طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ تيار آهن يا سياسي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌايو ويندو، جنهن جو نقصان آخرڪار عوام ۽ ملڪ جي جمهوري نظام کي برداشت ڪرڻو پوندو. خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال يقيناً هڪ اهم ۽ سنجيده مسئلو آهي. دهشتگرديءَ سبب عام شهرين، سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ ٻين ماڻهن جون حياتيون ضايع ٿيڻ، خاندانن جو اجڙڻ ۽ معاشي سرگرمين جو متاثر ٿيڻ اهڙا مسئلا آهن، جن کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. دهشتگرديءَ جو خاتمو رڳو ڪنهن هڪ حڪومت يا سياسي جماعت جي ذميواري نه، پر وفاق، صوبن، سيڪيورٽي ادارن ۽ سموري رياستي نظام جي گڏيل ذميواري آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿئي ٿي ته ان جو حل گڏيل حڪمت عملي، مؤثر انتظام، عوام جي تحفظ ۽ سياسي سهڪار ذريعي ڳولڻ گهرجي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ کي سياسي اختلافن جي ورچاڙهڻ بدران قومي سلامتيءَ جو گڏيل معاملو سمجهڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته خيبرپختونخوا ۾ اندروني بدامني ۽ ٻاهرين مداخلت سبب هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ حڪومت ڳالهين ذريعي معاملا حل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن حڪومت وٽ اهڙا سنجيده خدشا موجود هئا ته انهن کي پارليامينٽ، لاڳاپيل آئيني ادارن ۽ عوام آڏو واضح ثبوتن سان پيش ڪرڻ گهرجي. هنگامي حالت عام انتظامي قدم نه، پر هڪ غيرمعمولي آئيني اختيار آهي، جنهن جا اثر صوبي جي حڪمراني، عوام جي حقن ۽ جمهوري نظام تي پئجي سگهن ٿا. تنهن ڪري اهڙي فيصلي جي ضرورت، قانوني بنيادن ۽ ان جي دائري بابت شفافيت لازمي آهي. رڳو سياسي بيانن يا هڪ ٻئي تي الزامن سان نه ته دهشتگرديءَ جو خاتمو ممڪن آهي ۽ نه ئي عوام جو اعتماد بحال ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف کي به پنهنجي سياسي ذميوارين جو احساس ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به سياسي جماعت لاءِ ضروري آهي ته اها پنهنجي سياسي مطالبن ۽ پارٽيءَ جي قيادت سان اختلافن کي آئيني ۽ جمهوري دائري ۾ رکي. سياسي اختلافن جي باوجود ملڪ جي امن، عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ادارن جي آئيني ڪردار بابت گڏيل موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ اختلاف وڌن ٿا ته انهن کي ڳالهين جي ميز تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿيڻ گهرجي. سياسي جماعتن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته حڪومتون اچن ۽ وڃن ٿيون، پر ملڪ، عوام ۽ جمهوري ادارن جو استحڪام سڀني کان وڌيڪ اهم آهي. هن سڄي صورتحال ۾ هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ واري ٺهراءَ جي منظوري باوجود سياسي تڪرار ختم نه ٿيو آهي. پي ٽي آءِ ان فيصلي کي عدالت ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هاڻي عدالتي عمل ۽ آئيني تشريح جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي آهي. حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي عدالت جي فيصلي جو احترام ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به قدم جي آئيني حيثيت جو تعين سياسي بيانن بدران آئين، قانون ۽ عدالتي عمل ذريعي ٿيڻ گهرجي. جمهوري نظام جي مضبوطي ان ۾ آهي ته رياستي اختيار مقرر آئيني حدن اندر استعمال ٿين ۽ اختلافن جي صورت ۾ قانوني رستا کليل رهن. سهيل آفريدي ۽ ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن کي حفاظتي تحويل ۾ وٺڻ بابت سامهون آيل تفصيلن به ڪيترائي سوال پيدا ڪيا آهن. سرڪاري ذريعن موجب پوليس ڪارروائي دوران سهيل آفريدي کي وڏي وزير جي رهائشگاهه ۾ سندس ڪمري مان تحويل ۾ ورتو ويو، جڏهن ته ذريعن موجب پوليس اهلڪارن کي ڪمري جو دروازو ٽوڙڻو پيو. اهڙي ڪارروائي بابت ضروري آهي ته حڪومت واضح ڪري ته ان جو قانوني بنياد ڇا هو، ڪهڙا خدشا موجود هئا ۽ لاڳاپيل ماڻهن جا قانوني حق ڪيئن محفوظ رکيا ويا. ڪنهن به شخص خلاف ڪارروائي قانون موجب ٿيڻ گهرجي ۽ حفاظتي تحويل کي سياسي اختلافن جي خاتمي يا مخالف آواز کي دٻائڻ جو ذريعو نه بڻجڻ گهرجي. ساڳئي وقت، جيڪڏهن ڪنهن اڳواڻ يا جماعت خلاف قانوني الزام موجود آهن ته انهن جو فيصلو به قانوني طريقيڪار تحت ٿيڻ گهرجي، نه ڪي سياسي دٻاءُ يا عوامي تاثر جي بنياد تي. هن صورتحال ۾ ڳالهين جي ٻيهر آڇ هڪ مثبت امڪان طور سامهون آئي آهي. قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق چيو آهي ته حڪومت اڄ به ڳالهين لاءِ تيار آهي، جڏهن ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به وزيراعظم کي پي ٽي آءِ سان ٻيهر ڳالهين جي آڇ ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. اهڙي وقت ۾ جڏهن سياسي ڇڪتاڻ وڌي رهي هجي، ڳالهين جي اهميت وڌيڪ وڌي ويندي آهي. پر ڳالهين جي ڪاميابي لاءِ ضروري آهي ته اهي رڳو بيانن تائين محدود نه رهن. حڪومت کي مخالف ڌر جا جائز خدشا ٻڌڻ گهرجن ۽ مخالف ڌر کي به ڳالهين ۾ سنجيدگيءَ سان حصو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ماضيءَ ۾ ڳالهين دوران ڪو معاهدو يا مسودو تيار ٿيو هو ۽ پوءِ معاملو اڳتي نه وڌي سگهيو ته ان جا سبب واضح ڪري ٻيهر اهڙو رستو اختيار ڪيو وڃي، جنهن سان اختلاف گهٽجي سگهن. سياسي ڳالهين ۾ سڀ کان وڏو مسئلو اعتماد جي کوٽ آهي. حڪومت ۽ مخالف ڌر هڪ ٻئي تي الزام هڻن ٿيون، معاهدن جي ناڪاميءَ جو ذميوار هڪ ٻئي کي قرار ڏين ٿيون ۽ عوام کي پنهنجي پنهنجي موقف موجب صورتحال سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. پر ملڪ کي الزام تراشيءَ کان وڌيڪ سنجيده سياسي عمل جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڳالهين لاءِ وفد ويهن ٿا ته انهن کي اڳواٽ طئي ٿيل اصولن، واضح ايجنڊا ۽ قابل عمل نتيجن سان اڳتي وڌڻ گهرجي. ڳالهين کي ذاتي انا، سياسي ضد يا اهڙن مطالبن جي ور نه چاڙهڻ گهرجي، جن تي اڳيرائيءَ جا امڪان ئي ختم ٿي وڃن. ساڳئي وقت حڪومت کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته سياسي اختلافن جو حل رڳو انتظامي اختيارن جي استعمال سان نٿو نڪري سگهي. خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي پاران پاليسي اسلام آباد مان اچڻ ۽ امن کي پهرين ترجيح ڏيڻ بابت ڏنل بيان به پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. پر امن لاءِ رڳو پاليسيءَ جو اعلان ڪافي ناهي؛ ان لاءِ عملي قدم، مؤثر انتظام، عوامي سهڪار ۽ مقامي حالتن کي سمجهڻ ضروري آهي. صوبي جي ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ، متاثر خاندانن جي مدد ڪرڻ، دهشتگرديءَ جي سببن کي منهن ڏيڻ ۽ روزگار توڙي ترقيءَ جا موقعا پيدا ڪرڻ حڪومت جي بنيادي ذميوارين ۾ شامل آهن. جيڪڏهن عوام کي امن، انصاف ۽ بنيادي سهولتون نه ملنديون ته رڳو سياسي بيانن سان حالتون بهتر نه ٿينديون. ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال اهو به ظاهر ڪري ٿي ته پارليامينٽ کي اختلافن جي حل لاءِ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. پارليامينٽ رڳو ٺهراءَ منظور ڪرڻ يا حڪومت ۽ مخالف ڌر جي تقريرن جو فورم نه، پر قومي مسئلن تي گڏيل حڪمت عملي ٺاهڻ جو بنيادي ادارو آهي. هنگامي حالت جهڙي اهم معاملي تي بحث دوران حڪومت کي پنهنجا سبب ۽ ثبوت پيش ڪرڻ گهرجن، جڏهن ته مخالف ڌر کي به پنهنجو موقف دليلن سان بيان ڪرڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. قومي سلامتيءَ جي نالي تي عوامي حقن ۽ جمهوري اصولن بابت سوالن کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. جيئن امن قائم ڪرڻ جون ڪوششون عوام جي اعتماد سان اڳتي وڌي سگهن.

حقيقت اها آهي ته پاڪستان هن وقت دهشتگردي، معاشي دٻاءُ ۽ سياسي ورهاست جهڙن ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي جماعتن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ملڪ جي مسئلن کي وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهي ٿي. جيڪڏهن وفاق ۽ صوبن جا لاڳاپا خراب ٿيندا، سياسي مخالف هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪندا ۽ هر مسئلي کي طاقت جي استعمال سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي ته ان جو نقصان عوام کي ٿيندو. تنهن ڪري ضروري آهي ته وفاقي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ پنهنجي پنهنجي موقف تي قائم رهندي به ڳالهين جا دروازا کليل رکن، آئيني ادارن جي اختيارن جو احترام ڪن ۽ امن امان جي مسئلي کي سياسي فائدي بدران قومي ذميواريءَ طور ڏسن.

خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو معاملو رڳو هڪ صوبي جي حڪومت يا ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو مسئلو ناهي، پر اهو ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، وفاقي ۽ صوبائي لاڳاپن، عوامي حقن ۽ جمهوري تسلسل سان لاڳاپيل آهي. حڪومت جي ذميواري آهي ته امن قائم ڪرڻ لاءِ قانوني ۽ مؤثر قدم کڻي، جڏهن ته مخالف ڌر جي ذميواري آهي ته هو سياسي جدوجهد کي جمهوري ۽ آئيني دائري ۾ جاري رکي. ٻنهي ڌرين کي سمجهڻ گهرجي ته سياسي اختلافن جو مستقل حل ڳالهين، برداشت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ ۾ آهي. ملڪ کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اقتدار جي جنگ کان وڌيڪ عوام جي جان، مال، روزگار ۽ امن کي اهميت ڏني وڃي. جيڪڏهن سياسي قيادت واقعي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي چاهي ٿي ته ان کي ضد ۽ الزام تراشيءَ بدران سنجيده ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو ڇو ته مضبوط جمهوريت طاقت جي استعمال سان نه، پر آئين جي احترام، اختلافن جي قبوليت ۽ عوام جي اعتماد سان قائم ٿيندي آهي.

---

# قومي اسيمبليءَ ۾ خيبر پختونخوا ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جي منظوري

**غلام مصطفيٰ جمالي**

خيبر پختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ جي سياسي ۽ حڪومتي حلقن ۾ بحث جو اهم موضوع بڻجي وئي آهي. صوبي ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن، امن امان جي خراب صورتحال ۽ عوام جي تحفظ بابت وڌندڙ خدشن سبب هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو معاملو قومي سطح تي سامهون آيو آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ هن معاملي تي منظوريءَ جي خبر کان پوءِ اهو سوال اهم بڻجي ويو آهي ته ڇا هنگامي حالت صوبي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪارائتو قدم ثابت ٿيندي يا ان سان سياسي اختلافن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو؟

خيبر پختونخوا پاڪستان جو اهڙو صوبو آهي، جنهن جي عوام گذريل ڪيترن ئي سالن کان دهشتگرديءَ جي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ عام ماڻهو، واپاري، شاگرد، استاد ۽ سرڪاري ملازم خوف واري ماحول ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ عام شهرين جون جانيون وڃائڻ جا واقعا خاندانن لاءِ وڏو ڏک بڻجن ٿا. جڏهن ته دهشتگرديءَ سبب ڪاروبار، تعليم ۽ روزگار جا موقعا پڻ متاثر ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت جي پهرين ذميواري عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ آهي.

هن معاملي کي رڳو سياسي اختلافن جي نظر سان ڏسڻ بدران ملڪ جي امن ۽ استحڪام جي حوالي سان سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال واقعي اهڙي حد تائين خراب ٿي وڃي، جو عام انتظامي قدم اثرائتا ثابت نه ٿين، ته آئين ۾ موجود گنجائش تحت غيرمعمولي قدم کڻڻ تي غور ڪري سگهجي ٿو. پر اهڙن قدمن لاءِ واضح سبب، آئيني گهرجون ۽ قانوني طريقيڪار پورو ڪرڻ ضروري آهي.

هنگامي حالت جو مطلب اهو ناهي ته ڪنهن صوبي جي عوام جا بنيادي حق ختم ٿي وڃن يا جمهوري ادارن جي اهميت گهٽجي وڃي. حڪومت تي لازم آهي ته هر قدم آئين ۽ قانون جي دائري اندر کڻي. عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ سان گڏ انهن جي اظهار، سياسي سرگرمين ۽ قانوني حقن جو احترام ڪرڻ به رياست جي ذميوارين ۾ شامل آهي.

خيبر پختونخوا ۾ هنگامي حالت جي معاملي تي وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومت جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ جو امڪان به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن وفاقي حڪومت ڪنهن غيرمعمولي قدم کي ضروري سمجهي ٿي، ته ان کي ان جا سبب عوام آڏو واضح ڪرڻ گهرجن. ساڳئي وقت صوبائي حڪومت کي به پنهنجي موقف ۽ امن امان جي صورتحال بابت حقيقتن سان ڳالهائڻ گهرجي. الزام تراشيءَ بدران گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

هن مسئلي ۾ سياسي پارٽين جو ڪردار به انتهائي اهم آهي. حڪمران جماعتون هجن يا مخالف ڌر، انهن کي پنهنجي سياسي مفادن کان مٿانهون ٿي عوام جي تحفظ کي اوليت ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن فيصلي تي اختلاف آهي ته ان جو حل پارليامينٽ، آئيني ادارن ۽ سياسي ڳالهين ذريعي ڳولڻ گهرجي. جمهوري نظام ۾ اختلاف راءِ ڪا غيرمعمولي ڳالهه ناهي، پر قومي سلامتي ۽ عوام جي جانين جي معاملي تي غيرضروري ڇڪتاڻ مسئلن کي وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهي ٿي.

هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ بابت ڪنهن به فيصلي کان اڳ ان جي قانوني حيثيت ۽ دائري کي واضح ڪرڻ ضروري آهي. آئين ۾ هنگامي حالت بابت مخصوص شقون موجود آهن، پر انهن جي لاڳو ٿيڻ جا شرط، لاڳاپيل اختيارين جو ڪردار ۽ پارليامينٽ جي منظوريءَ جو طريقو پنهنجي جاءِ تي اهميت رکن ٿا. قومي اسيمبليءَ ۾ ڪنهن قرارداد تي بحث يا ان جي منظوريءَ جي خبر کي حتمي قانوني عمل سان هڪجهڙو نه سمجهڻ گهرجي، جيستائين لاڳاپيل سرڪاري ڪارروائي ۽ آئيني گهرجن جي مڪمل تصديق نه ٿئي.

جيڪڏهن هنگامي حالت جو مقصد دهشتگرديءَ کي روڪڻ، شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۽ انتظامي ادارن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي، ته ان لاءِ واضح حڪمت عملي پڻ پيش ڪرڻ گهرجي. رڳو اعلان ڪرڻ سان امن قائم نٿو ٿي سگهي. دهشتگردن جي نيٽ ورڪن خلاف قانون موجب ڪارروائي، سرحدي علائقن جي نگراني، انٽيليجنس ادارن وچ ۾ رابطو، پوليس جي صلاحيتن ۾ اضافو ۽ متاثر علائقن جي ماڻهن سان اعتماد جو رشتو مضبوط ڪرڻ ضروري آهي.

خيبر پختونخوا جي عوام کي رڳو سيڪيورٽي ڪارروائين جي ضرورت ناهي، پر کين تعليم، صحت، روزگار ۽ ترقيءَ جا موقعا به گهرجن. جيڪڏهن نوجوانن کي بهتر مستقبل جون اميدون نه ملنديون، علائقن ۾ غربت وڌندي رهندي ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم نه ٿينديون، ته امن قائم ڪرڻ جون ڪوششون مڪمل نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائيون محسوس ڪنديون. تنهنڪري امن امان جي حڪمت عمليءَ سان گڏ معاشي ۽ سماجي ترقيءَ تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي.

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي گڏجي اهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان دهشتگرديءَ جو خاتمو به ممڪن ٿئي ۽ عوام جو جمهوري نظام تي اعتماد به برقرار رهي. جيڪڏهن سياسي اختلافن سبب ادارن وچ ۾ رابطو ڪمزور ٿيندو ته ان جو نقصان آخرڪار عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوندو. ان ڪري ڳالهين، گڏيل مشاورت ۽ ذميواريءَ سان فيصلا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن معاملي ۾ پارليامينٽ جو ڪردار سڀ کان اهم آهي. چونڊيل نمائندن کي گهرجي ته هو هنگامي حالت جي ضرورت، ان جي قانوني بنيادن ۽ عوام تي پوندڙ اثرن بابت سنجيده بحث ڪن. ڪنهن به غيرمعمولي قدم جي نگراني، ان جي نتيجن جو جائزو ۽ شهرين جي حقن جو تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي. عوام کي به ڄاڻڻ جو حق آهي ته اهڙو قدم ڇو کنيو پيو وڃي، ان جو مقصد ڇا آهي ۽ ان سان امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا عملي نتيجا حاصل ڪرڻا آهن.

خيبر پختونخوا ۾ امن قائم ڪرڻ ڪنهن هڪ جماعت، حڪومت يا اداري جي اڪيلي ذميواري ناهي، پر اها سڄي رياست ۽ سماج جي گڏيل ذميواري آهي. سياسي جماعتون، انتظاميا، سيڪيورٽي ادارا، سماجي اڳواڻ ۽ عوام جيڪڏهن گڏجي ڪم ڪندا ته دهشتگرديءَ جي چئلينج کي منهن ڏيڻ وڌيڪ ممڪن ٿيندو.

آخرڪار هنگامي حالت بابت ڪنهن به فيصلي جي ڪاميابيءَ جو اندازو بيانن يا سياسي دعوائن سان نه، پر زميني حقيقتن سان لڳايو ويندو. جيڪڏهن ان سان شهرين جون جانيون محفوظ ٿين، دهشتگرديءَ ۾ گهٽتائي اچي، ڪاروبار بحال ٿئي ۽ عوام بنا خوف جي زندگي گذاري سگهي ته اهو قدم پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب سمجهيو ويندو. پر جيڪڏهن سياسي ڇڪتاڻ وڌي، عوام جا حق متاثر ٿين ۽ امن امان جي صورتحال ۾ ڪا بهتري نه اچي ته پوءِ ان حڪمت عمليءَ تي سنجيدگيءَ سان نظرثاني ڪرڻي پوندي.

خيبر پختونخوا جي عوام کي سياسي بيانن کان وڌيڪ امن، تحفظ ۽ خوشحال زندگيءَ جي ضرورت آهي. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي گهرجي ته ذاتي ۽ جماعتي مفادن کان مٿانهون ٿي اهڙا فيصلا ڪن، جيڪي ملڪ جي سلامتي، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي ڀلائيءَ کي يقيني بڻائين. امن قائم ڪرڻ لاءِ طاقت سان گڏ عقل، قانون، انصاف ۽ سياسي سمجهه به ضروري آهي.

---

# غريب جي چلهه ڪڏهن ٻرندي؟

**حبدارعلي ملڪ**

سنڌ سرڪار کان سوال: 700 کان 1000 رپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور پنهنجي ٻچن جو پيٽ ڪيئن پاليندو؟

سنڌ جي تاريخ ۾ پورهيت هميشه پنهنجي پگهر سان ڌرتيءَ کي آباد ڪيو آهي. مزدور پنهنجي محنت سان شهر اڏيا، عمارتون ٺاهيون، رستا تعمير ڪيا ۽ ڪارخانن کي چالو رکيو. پر افسوس! اڄ ساڳيو مزدور پنهنجي ٻچن لاءِ ٻه ويلا ماني گڏ ڪرڻ کان به لاچار بڻجي ويو آهي. سوال اهو آهي ته آخر هن غريب جو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ ڇا محنت ڪرڻ، پگهر وهائڻ ۽ پنهنجي ٻچن کي ماني کارائڻ جي خواهش رکڻ به ڏوهه آهي؟

سکر جي مارڪيٽ ۾ اٽي جي وڌندڙ اگهن غريب جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 3260 رپيا هجي ته هڪ ڪلو اٽو لڳ ڀڳ 160 رپين ۾ پوي ٿو جڏهن ته چڪي ۽ فائن اٽوان کان به وڌيڪ اگهه تي وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪ عام پورهيت، جيڪو سڄو ڏينهن سخت پورهيو ڪري 700 کان 1000 رپيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو سو پنهنجي گهر جو گاڏو ڪيئن هلائي؟

اچو ته هڪ غريب مزدور جي گهر جو حساب لڳايون. جيڪڏهن مزدور کي روزانو 800 رپيا ملن ۽ مهيني جا 26 ڏينهن ڪم ملي، ته سندس ڪل آمدني 20 هزار 800 رپيا ٿيندي. هاڻي ان مان گهر جو ڪرايو، بجلي ۽ گيس جا بل، ٻارن جي اسڪول جي فيس، ڪتاب، ڪپڙا، بيماريءَ جي دوا، سفر جو خرچ ۽ گهر جون ٻيون ضرورتون پوريون ڪرڻيون آهن. مٿان وري اٽي، گيهه، دال، ڀاڄين ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جا وڌندڙ اگهه.

ڇا 20 هزار رپين ۾ پنجن يا ڇهن ڀاتين واري خاندان جو مهينو عزت سان گذري سگهي ٿو؟ هي ڪو خيالي سوال ناهي، پر هزارين پورهيت خاندانن جي روزاني زندگيءَ جو دردناڪ سچ آهي.

اٽي جو اگهه وڌي ٿو ته غريب جي گهر ۾ بک وڌي ٿي!

اٽو رڳو هڪ واپاري شيءِ ناهي؛ اهو غريب جي زندگيءَ جو سهارو، سندس ٻچن جي ماني ۽ گهر جي چلهه ٻارڻ جو ذريعو آهي. امير ماڻهو مهانگائيءَ ۾ به پنهنجو گذارو ڪري وٺندو آهي، پر غريب مزدور لاءِ اٽي جي اگهه ۾ ڏهه رپين جو اضافو به وڏي مصيبت بڻجي ويندو آهي. جنهن گهر ۾ ڪمائيندڙ پيءُ شام جو خالي هٿ موٽي ٿو، اتي ٻارن جا سوال سندس دل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين ٿا:

"بابا! اڄ مانيءَ ۾ ڇا آهي؟"

اهو پيءُ ڇا جواب ڏئي، جنهن جي کيسي ۾ اٽو وٺڻ لاءِ به پورا پئسا ناهن؟ هو پنهنجي ٻارن جي اکين ۾ ڏسي ٿو، زال جي خاموشي برداشت ڪري ٿو ۽ پنهنجي بک لڪائي ٻچن کي کارائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر آخر ڪيترو وقت؟ انسان جو صبر به هڪ حد تائين هوندو آهي.

بيماري، تعليم، ڪرايو ۽ بل: مزدور وڃي ته ڪاڏي وڃي؟

هڪ پاسي اٽي جا وڌندڙ اگهه آهن ته ٻئي پاسي اسپتالن جا خرچ. سرڪاري اسپتالن ۾ به ڪيترن غريبن کي دوائن، ٽيسٽن ۽ مناسب علاج لاءِ پريشان ٿيڻو پوي ٿو. نجي اسپتالن جا خرچ ته غريب جي پهچ کان ٻاهر آهن.

ٻار بيمار ٿين ته مزدور وٽ علاج لاءِ پئسا ناهن. ٻارن کي پڙهائڻ چاهي ته فيس ۽ ڪتابن جا خرچ سندس وس کان ٻاهر آهن. گهر جو ڪرايو ڏئي ته راشن جا پئسا گهٽجي وڃن ٿا. بجليءَ جو بل ڀري ته گيس جي بل لاءِ پريشان ٿئي ٿو. جيڪڏهن سڄي آمدني انهن خرچن ۾ ختم ٿي وڃي ته پوءِ اٽي لاءِ ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگي؟

هڪ مزدور صبح کان شام تائين پورهيو ڪري ٿو، پر شام جو به کيس اها خبر نٿي پوي ته سڀاڻي پنهنجي ٻچن کي ڇا کارائيندو. جڏهن بک دروازي تي بيٺي هجي، تڏهن غريب کان سڪون، خوشي ۽ بهتر مستقبل جا خواب ڏسڻ جي اميد ڪيئن رکي سگهجي ٿي؟ مهانگائي ۽ سماجي بگاڙ جو خطرو

جڏهن ايمانداريءَ سان ڪمائيندڙ ماڻهوءَ جي آمدنيءَ مان به سندس خاندان جو پيٽ نٿو ڀرجي، تڏهن سماج ۾ مايوسي، ذهني دٻاءُ ۽ نااميدي وڌڻ جو خطرو پيدا ٿئي ٿو. ڪجهه ماڻهو مجبوريءَ ۾ غلط رستن ڏانهن به ڌڪجي سگهن ٿا. چوري، ڦرلٽ ۽ ٻين غيرقانوني ڪمن کي ڪنهن به صورت ۾ جائز نٿو چئي سگهجي، پر حڪومت ۽ سماج کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته غربت، بيروزگاري ۽ بک جي خاتمي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن.

غريب کي ڏوهاري ٿيڻ کان اڳ روزگار، مناسب اجرت، سستو اٽو، علاج ۽ تعليم ڏيڻ رياست جي ذميواري آهي. ماڻهن کي بک کان بچائڻ رڳو خيراتي ڪم ناهي، پر هڪ منصفاڻي سماج جي بنيادي ضرورت آهي.

سنڌ سرڪار کان سوال: سرڪاري ڪٽڪ جو فائدو غريب تائين ڪڏهن پهچندو؟

سنڌ حڪومت جيڪڏهن اٽي جي قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سرڪاري ڪٽڪ فلور ملن کي فراهم ڪري ٿي، ته پوءِ ان جو سڌو فائدو عام ماڻهوءَ تائين به پهچڻ گهرجي. رڳو ڪٽڪ جاري ڪرڻ ڪافي ناهي؛ حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته سرڪاري ڪٽڪ مان تيار ٿيندڙ اٽو واقعي مقرر اگهه تي وڪرو ٿئي ٿو يا نه.

اسان سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪريون ٿا ته

سکر سميت سڄي سنڌ ۾ اٽي جا اگهه گهٽايا وڃن ۽ عوام جي خريداريءَ جي سگهه کي نظر ۾ رکندي اٽي جي قيمت 80 کان 90 ر

---

ڪان آگاهه ڪيو. صوبائي وزير لاڳاپيل آفيسرن کي فوري حل ڪرڻ جا احڪامات جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته معاشي ۽ صنعتي شعبن کي هٿي ڏيڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. ڪاروباري سرگرمين جي بهتريءَ ذريعي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻا آهن. هن چيو ته عوام ۽ ڪاروباري برادريءَ جي مشڪلاتن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سمورا ادارا متحرڪ رهن. صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو حڪومتي عزم کي ورجائيندي چيو ته صوبي جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر صورت ۾ ممڪن قدم کنيا ويندا.

05 *** بقايا

اجلاس کي خطاب ڪندي شيري رحمان چيو ته اپوزيشن پنهنجا گهڻا مطالبا مڃرائي چڪي هئي، پر ان پاڻ کي ڳالهين واري عمل کان ڌار ڪري ڇڏيو. هن چيو ته لانگ مارچ ۽ احتجاجي سياست مسئلن جو حل ناهن. جڏهن ته ٻاهرين اثر رسوخ سبب ڳالهين وارو عمل متاثر ٿيو. شيري رحمان اپوزيشن کي مخاطب ٿيندي چيو ته سوچيو ته معاهدي ڪرڻ ڪانسواءِ اوهان ڪهڙي بند گهٽيءَ ۾ وڃي ڦاٿا آهيو. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن معاهدي تي صحيحون ٿي وڃن ها ته هو ٻانيءَ کي سمورين سهولتون يقيني بڻائڻ لاءِ ساٿ ڏين ها. هن وڌيڪ چيو ته ڪي پي جي ان صوبي ۾ صبح جو پي ٽي آءِ ۽ شام جو دهشتگردن جي حڪومت هجي، اهو قبول ناهي. شيري رحمان چيو ته محترمه جي شهادت ان لاءِ نه ڏني هئي.

06 *** بقايا

ي تي مقرر ناهي. جسٽس باقر نجفي ريمارڪس ڏيندي چيو ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي به الڳ قانوني معاملا آهن. ان موقعي تي شير افضل مروت عدالت کي ٻڌايو ته هو گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي واري فيصلي کي به چئلينج ڪرڻ چاهي ٿو. ان تي چيف جسٽس امين الدين خان چيو ته ايمرجنسي ختم ٿيڻ ۽ وڏي وزير جي بحالي جي صورت ۾ نئين درخواست داخل ڪري سگهجي ٿي. وفاقي آئيني عدالت شير افضل مروت جي درخواست بي اثر قرار ڏيندي اڪلائي ڇڏي.

07 *** بقايا

وزيرن علائقائي ۽ عالمي صورتحال، گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڳالهين جي دوران غزه ۽ فلسطين جي صورتحال به بحث هيٺ آئي. ٻنهي اڳواڻن لاڳاپيل معاملن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. اسحاق ڊار ۽ باڪان فيدان عراق ۾ 17 ۽ 18 آڪٽوبر تي ٿيل اسلامي تعاون تنظيم (او آئي سي) جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي آئنده اجلاس جي ايجنڊا ۽ حڪمت عملي تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن گڏيل هدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻطرفن رابطن ۽ گهڻ گهري فورمز تي ويجهن رابطن جي اهميت تي زور ڏنو. ٽيليفونڪ رابطي ۾ پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ تعاون ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي مشاورت ڪئي وئي.

08 *** بقايا

، فريال ٽالپر اڳوڻي مرحوم ميمبر قومي اسيمبلي بابل خان جکراڻي جي رهائشگاهه تي پوليس جي ڇاپي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. فريال ٽالپر واقعي جي مڪمل، شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ جو حڪم ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته ڇاپي سان لاڳاپيل سمورن پاسن جو جائزو وٺي حقيقتن تي ٻڌل جامع رپورٽ پيش ڪئي وڃي. هن چيو ته چادر ۽ چوديواريءَ جي تقدس جو خيال رکڻ گهرجي ۽ ڪنهن به شهريءَ سان ناانصافي برداشت نٿي ڪري سگهجي. معاملن کي قانون ۽ انصاف جي تقاضائن مطابق حل ڪيو وڃي ۽ ذاتي رنجشن کي سياست ۾ ڇڪڻ کان پاسو ڪيو وڃي. فريال ٽالپر وڌيڪ چيو ته قانون جي بالادستي ۽ شهرين جي عزت ۽ احترام تي ڪو به ٺاهه نه ٿيڻ گهرجي. واقعي جا سمورا حقيقتون سامهون آنديون وڃن، ته جيئن ڪنهن سان به ناانصافي نه ٿئي.

09 *** بقايا

ڻ جمشيد دستي جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي سپريم ڪورٽ جعلي ڊگريءَ جي فوجداري ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ جمشيد دستي جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

01 *** بقايا

ٿيو جنهن ۾ سينيٽ جي چيئرمين يوسف رضا گيلاني سميت حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي وڏي انگ ۾ ميمبرن شرڪت ڪئي. خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت دستاويز گڏيل اجلاس ۾ پيش ڪيا ويا. صدر مملڪت پاران ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت دستاويز آئين جي آرٽيڪل 232 جي شق 7 تحت ايوان ۾ رکيا ويا، جڏهن ته گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت دستاويز آرٽيڪل 234 جي شق 3 تحت پيش ڪيا ويا. وفاقي وزير پارلياماني معاملن ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت صدارتي اعلان ايوان ۾ پيش ڪيا. ان دوران ٺهراءَ تي ووٽنگ وقت مخالف ڌر احتجاج ڪيو. بيرسٽر گوهر چيو ته ايوان ۾ آئين جي پاسداري ڪرڻ ۽ بنا خوف ۽ دٻاءَ جي پنهنجون ذميواريون نڀائڻ سندن فرض آهي. مخالف ڌر جي احتجاج دوران قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق ووٽن جي ڳڻپ جو حڪم ڏنو. ٺهراءَ جي حق ۾ 214 ووٽ پيا، مخالفت ۾ 56 ووٽ ڏنا ويا. اهڙيءَ طرح ٺهراءَ اڪثريتي ووٽن سان منظور ڪيو ويو. مخالف ڌر جا ميمبر ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ۽ احتجاج طور ايوان اندر نعريبازي ڪندا رهيا. قانون واري وزير جو موقف وفاقي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو ته آئيني گهرج پوري ڪرڻ لاءِ گڏيل اجلاس گهرايو ويو آهي، جڏهن ته ان معاملي تي سينيٽ ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ اڳ ئي بحث ٿي چڪو آهي. هن چيو ته مخالف ڌر جا سوال هوندا ته انهن جا جواب ڏنا ويندا. ڪجهه ماڻهن هن قدم کي 12 آڪٽوبر سان ڳنڍيو آهي. وزيراعظم نذير تارڙ موجب اسلام آباد ۽ پشاور ۾ ايپيڪس ڪميٽيءَ جا اجلاس ٿيندا رهيا آهن. صوبي ۾ هڪ ئي ڏينهن لڪي مروت، ٽانڪ ۽ باجوڙ ۾ واقعا پيش آيا. اهڙي صورتحال ۾ وڏي وزير کي لانگ مارچ بدران اسپتال ۾ هجڻ گهرجي ها. محمود خان اڇڪزئي جو خطاب قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ جنهن صورتحال ۾ ڦاٿل آهي، اها اسان جي اندروني ڪمزورين جو نتيجو آهي. هن چيو ته پاڪستان جي ٽٽڻ کان پوءِ وڏي ڏکيائي سان آئين ٺاهيو ويو، جڏهن ته ملڪ جي ورهاڱي جو هڪ سبب اسان جي انا به هئي. هن چيو ته اوهان گورنر راڄ لاڳو ڪيو آهي ۽ هاڻي اوهان به ان معاملي ۾ ڌر بڻجي ويا آهيو. قاعدن ۽ ضابطن ۾ حدون مخالف ڌر سان گڏ حڪمرانن لاءِ به آهن. محمود خان اڇڪزئي الزام لڳايو ته ايوان ۾ موجودگيءَ دوران ادارن جي اهلڪارن وردين پائي اٺ ميمبرن کي کڻي ويا. هن چيو ته ڳالهين لاءِ ضروري آهي ته پارليامينٽ کي طاقت جو سرچشمو تسليم ڪيو وڃي ۽ صوبن کي پنهنجن وسيلن تي حق ڏنو وڃي. هن چيو ته هو غيرمشروط ڳالهين لاءِ تيار آهن ۽ جمهوريت تي يقين رکندڙ پارٽين جو گڏيل محاذ ٺاهيندا. مخالف ڌر جي اڳواڻ الزام لڳايو ته پارٽي ڪارڪنن کان ٻارهن ماڻهن کي گوليون هنيون ويون. هن سوال ڪيو ته ڇا احتجاج ڪرڻ ڏوهه آهي؟ هن دعويٰ ڪئي ته سندن وڏي وزير ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي اغوا ڪيو ويو آهي. محمود خان اڇڪزئي فيبروريءَ جي چونڊن تي پڻ سوال اٿاريندي چيو ته حڪمران قسم کڻي ٻڌائين ته ڇا اهي واقعي چونڊون کٽيا هئا. دهشتگرديءَ بابت ڳالهائيندي چيو ته سوويت يونين جي دور ۾ پاڪستان کي فرنٽ اسٽيٽ بڻايو ويو ۽ دهشتگردن کي تربيت ڏني وئي. هن سوال ڪيو ته ان صورتحال جو ذميوار سهيل آفريدي ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته ان وقت هو ننڍڙو ٻار هو. هن وڌيڪ چيو ته دنيا پاڪستان کي سڀ کان خطرناڪ دهشتگرد جي موجودگيءَ بابت ٻڌائيندي رهي، پر هتي انڪار ڪيو ويندو هو. هن افغانستان جي سرحد تي 20 فوٽ اوچي پٽ تعمير ڪرڻ ۽ دهشتگردن جي اچڻ جي رستن بابت پڻ سوال اٿاريا. محمود خان اڇڪزئي چيو ته طالبان اوهان جي پنهنجي پاليسين جو نتيجو آهن. واضح رهي ته گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ به خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي توثيق بابت ٺهراءَ اڪثريتي ووٽن سان منظور ڪيو هو.

02 *** بقايا

وڌي 35 ٿي ويو آهي، جن ۾ ٻار ۽ هڪ عورت استاد به شامل آهن. واقعي کانپوءِ امدادي ٽيمن کي اسڪول تائين پهچڻ ۽ امدادي ڪارروايون ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. ڇاڪاڻ ته اسڪول شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ قائم آهي. ليڊي ريڊنگ اسپتال 33 فوتگين جي تصديق ڪئي آهي. جڏهن ته ٻه لاش نصيرالله خان بابر ميموريل اسپتال آندا ويا آهن

### بقايا عوامي سوچ 01

تي (پي اي سي) جي هدايتن ۽ آڊٽ پيرا نمبر 12.5.11 تحت پينشنرن جون ماسٽر فائلون مڪمل ڪرڻ لاءِ گهربل رڪارڊ جي تصديق ڪري جلد جمع ڪرايو وڃي. ان سلسلي ۾ ٿيل اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر نثار احمد ڪوڪر ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران پينشنرن جي رڪارڊ جي فراهمي ۽ ماسٽر فائلن جي تڪميل ۾ پيش ايندڙ مسئلن جو جائزو ورتو ويو. نويد بلوچ هدايت ڪئي ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر پاران فراهم ڪيل فهرستن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ لاڳاپيل پينشنرن جو مڪمل رڪارڊ جمع ڪرايو وڃي. هن چيو ته فهرستن ۾ شامل اهڙن ماڻهن، جن جو تعلق لاڳاپيل کاتن سان نه آهي، تن بابت لکت ۾ وضاحت فراهم ڪئي وڃي، جڏهن ته دستياب نه هئڻ واري رڪارڊ جي پڻ واضح نشاندهي ڪئي وڃي. هن خبردار ڪيو ته گهربل رڪارڊ فراهم نه ڪرڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل پينشنرن جي پينشن جي ادائيگي متاثر ٿيڻ يا بند ٿيڻ جو خدشو آهي. هن آفيسرن تي زور ڀريو ته پينشنرن جي مفادن کي نظر ۾ رکندي رڪارڊ جي تڪميل کي ترجيحي بنيادن تي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن پي اي سي جي هدايتن تي عملدرآمد سان گڏ پينشنرن کي پينشن حاصل ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين کان بچائي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 02

۽ لاءِ ويل پوليس پارٽيءَ تي حملي جي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جو ايس ايس پي سکر احمد چوڌري نوٽيس وٺندي ڪارروائي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا پوليس ڪارروائي ڪندي هٿيارن سميت ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي جڏهن ته پوليس پارٽيءَ تي حملي، سرڪاري ڪمن ۾ مداخلت ۽ سرڪاري پوليس موبائل ۾ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ جي الزام هيٺ 16 کان وڌيڪ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي سکر پوليس جي ترجمان موجب سوشل ميڊيا تي واقعي جي هڪ وڊيو کي غلط رنگ ڏئي وائرل ڪيو پيو وڃي جيڪا حقيقتن جي ابتڙ آهي ترجمان ٻڌايو ته جهانگڙو ٽاٽي جي حد ۾ پوليس روپوش جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪارروائي ڪري رهي هئي ته ان دوران مبينا جوابدارن جي ساٿين پوليس پارٽيءَ تي حملو ڪري ڏنو پوليس ترجمان موجب حملي دوران سرڪاري پوليس موبائل ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچايو ويو واقعي کان پوءِ سکر پوليس فوري ڪارروائي ڪندي ٽن ڄڻن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ ڏٽي بخش جاگيراڻي، صدام جاگيراڻي ۽ محمد امين جاگيراڻي شامل آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هڪ بندوق ۽ ٻه ٽي ٽي پسٽل هٿ ڪيا ويا آهن جڏهن ته سندن خلاف ڌار ڌار ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا آهن پوليس ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته پوليس پارٽيءَ تي حملي، سرڪاري ڪمن ۾ رنڊڪ وجهڻ ۽ سرڪاري پوليس موبائل ۾ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ جي الزام هيٺ 16 کان وڌيڪ جوابدارن خلاف جهانگڙو ٽاٽي تي ڪيس نمبر 66/2026، پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 323، 234، 223، 504، 147، 148 ۽ 149 تحت داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ پوليس جون ڪارروايون جاري آهن ترجمان موجب علائقي جي معزز شخصيتن پڻ پوليس پارٽيءَ تي ٿيل حملي جي مذمت ڪئي آهي ۽ ايس ايس پي سکر احمد چوڌري کان معافي جي درخواست ڪئي آهي سکر پوليس شهرين ۽ سوشل ميڊيا تي سرگرم ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي ته سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ ڪنهن به وڊيو يا خبر جي تصديق ڪرڻ کان سواءِ ان کي اڳتي شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪن جيئن غلط معلومات جي پکڙجڻ کي روڪي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 03

اري 75 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. مرحومه، مرحوم مولانا فدا احمد ڊول، در محمد ڊول، قاري عبدالباسط ڊول ۽ حافظ فضل الرحمان جي والده، جڏهن ته مولانا سراج احمد ڊول جي ڏاڏي هئي. مرحومه جي جنازي نماز سندس فرزند مفتي ڪفايت الله ڊول جامع قاسم العلوم جيڪب آباد ۾ پڙهائي، جنهن ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن سميت سياسي، سماجي، مذهبي ۽ واپاري اڳواڻن سوين جي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جي يو آءِ جي مرڪزي ناظم مفتي سعود افضل هاليجوي، جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري، ضلعي سرپرست سيد شاهه محمد شاهه، پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي نديم احمد قريشي، حاجي محمد عباس بنگلاڻي، ڊاڪٽر خليل احمد ڪوسو، مولانا عبدالمالڪ گهنيو، مقدم علي مردان سيال، جامعه بنوري ٽائون ڪراچي جي قاري عبدالجبار سميت ٻين سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن مرحومه جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو اڳواڻن دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحومه کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس سمورن وارثن کي اهو ڏک برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل عطا فرمائي.

### بقايا عوامي سوچ 04

ي صدر سردار انور سومرو صحافين سان ڪيو هن وڌيڪ چيو ته گذريل ارڙهن سالن کان پاڪستان پيپلز پارٽي آصف علي زرداري جي اثر هيٺ آهي جيڪا هاڻي نام نهاد جمهوريت جو ويس اوڍي عوام کي دوکو ڏئي رهي آهي سردار انور وڌيڪ چيو ته اقتدار جا بکيا مسلم ليگ نواز سان ملي ڪري اقتدار جا مزا ماڻي رهيا آهن سندن ناڪام پاليسين جي ڪري ملڪ ۾ مهانگائي بي روزگاري بک ۽ بدحالي وڌي وئي آهي جنهن سان مسڪين ماڻهو هڪ ويلو ماني لاءِ واجهائي رهيو آهي بجلي گئيس پيٽرول جاري وڌڻ سان عوام جو جيئڻ محال ٿي ويو آهي خيبر پختون خواه ۾ گورنر راڄ متعلق پڇيل سوال تي هن چيو ته عوامي چونڊيل حڪومت جي خاتمي جي راهه هموار ڪري گورنر راڄ لاڳو ڪري پنهنجا مفادات حاصل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي عوام پاڪستان پارٽي اهڙي فيصلي کي رد ڪندي سخت مذمت ڪري ٿي

### بقايا عوامي سوچ 05

ڏنل احتجاجي سڏ تي جوهي ۾ برڪت علي رند،ضمير حسين لاشاري , محمد مٺل روستماڻي، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نيشنل پريس ڪلب جوهي جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن جي اڳواڻن چيو ته سنڌ اندر ٻين سمورن کاتن ۾ ملازمن کي پگهارون الائونس خاص مراعتون ملي رهيون آهن افسوس آهي رڳو لوڪل گورنمينٽ کاتي کي ٽارگيٽ ڪيو ٿو وڃي هنن چيو ته سنڌ اندر مختلف کاتن ۾ پگهارون مقرر وقت تي ملن ٿيون اسان جي کاتي اندر هر مهيني دير ۽ غير قانوني ڪٽوتيون ڪري ملازمن کي پريشان ڪيو ٿو وڃي جڏهن ته لوڪل کاتي جي ريٽائرڊ ملازمن جون سالن کان پينشنن جي ادائگي ناهي ڪئي وئي ڪافي ملازم ريٽائرڊ بعد مختلف بيمارين ۾ علاج بغير تڙپي تڙپي مري ويا مگر انهن کي زندگي ۾ ريٽائر مينٽ ملي نه ئي پينشن آخر ۾ هنن وزير اعلي سنڌ, لاڳاپيل بلديات کاتي جي صوبائي وزير سيڪريٽري کان مطالبو ڪيو آهي ته لوڪل گورنمينٽ کاتي جي ملازمن جون وقت سر پگهارون جاري ڪري ڪٽوتيون بند ڪري سمورا جائز مطالبا تسليم ڪري انصاف ڏياريو وڃي نه ته مجبورن احتجاج جو رخ تبديل ڪري مرڻ گهڙي تائين بک هڙ تال ڪنداسين.

### بقايا عوامي سوچ 06

خوانن بارگاهه رسالت مآب صہ ۾ نعتون پيش ڪري عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. محفل ۾ عاشقان رسول صہ، محبان اولياء ڪرام، علما، مشائخ ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نعت خواني، ذڪر ۽ درود و سلام سان محفل جو ماحول روحاني ۽ وجداني بڻجي ويو. ان موقعي تي جماعت قادري جيلاني جي روحاني پيشوا پير طريقت رهبر شريعت حضرت سيد پير غلام رضواني جيلاني شاهه جيلاني صدارتي خطاب ڪندي چيو ته اولياء ڪرام الله پاڪ جا نيڪ ۽ صالح ٻانها آهن. جن پنهنجي زندگي دين اسلام جي خدمت، محبتِ رسول صہ ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ وقف ڪئي. هن چيو ته اولياء ڪرام جي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان انسان ۾ محبت، اخلاص، رواداري ۽ نيڪي جا جذبا پيدا ٿين ٿا. محفل ۾ سيد پير غلام حقاني جيلاني شاهه جيلاني، سيد پير غلام رحماني جيلاني شاهه جيلاني ۽ سيد پير سالم حسن شاهه جيلاني خصوصي طور شرڪت ڪئي. آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، امن، خوشحالي ۽ امت مسلم لاءِ خصوصي دعا گهري وئي، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر شريف پڻ ورهايو ويو

### بقايا عوامي سوچ 07

سي، فوتگي ۽ شادين جي موقعن تي سخت مشڪلاتون پيش اينديون: علي چواڻ، مظفر مگسي ۽ ٻيا تفصيل موجب بلڙي شاهه ڪريم جي چواڻ ۽ مگسي محلي جي رهواسين سرڪاري اسپتال جي تعمير دوران عارضي طور کليل ڇڏيل 14 فوٽ ويڪري گهٽي بحال نه ٿيڻ خلاف علي چواڻ، ڏنو چواڻ، ذوالفقار مگسي، مظفر مگسي ۽ ايان چوهاڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي رهواسين جو چوڻ هو ته چوهاڻ ۽ مگسي محلي ۾ سرڪاري اسپتال جي تعمير دوران ايم اين اي سيد نويد قمر جي چوڻ تي 14 فوٽ ويڪري گهٽيءَ جو ڪجهه حصو عارضي طور کليل ڇڏيو ويو هو. جيڪو نادرا آفيس جي ڪنڌ تائين اچي ٿو هنن موجب، ان وقت کين يقين ڏياريو ويو هو ته اسپتال جي تعميراتي ڪم جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ گهٽي کي مڪمل طور کوليو ويندو، پر هاڻي کين ٻڌايو پيو وڃي ته نادرا آفيس کان اڳتي گهٽي بند ڪئي ويندي، جنهن سبب علائقي جي لڳ ڀڳ 300 گهرن جي رهواسين جي روزمره واري اچ وڃ سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته گهٽي بند ٿيڻ سان علائقي واسين کي خاص طور بيماري، هنگامي حالتن، فوتگين ۽ شادين جي موقعن تي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو، جڏهن ته اسڪولن ۽ مدرسن ۾ پڙهندڙ ٻارن جي اچ وڃ پڻ متاثر ٿيندي. هنن جو چوڻ هو ته عوام جي سهولت لاءِ موجود رستي کي بند ڪرڻ سان سوين خاندانن جي زندگيءَ جا معاملا پيچيده ٿي ويندا. تنهن ڪري مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران سندن جائز مطالبو تسليم ڪيو وڃي. هنن ايم اين اي سيد نويد قمر، ايم پي اي خرم ڪريم سومرو ۽ ضلعي انتظاميا سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته عوامي مفادن کي اوليت ڏيندي 14 فوٽ ويڪري گهٽي مڪمل طور بحال ڪري رهواسين جي اچ وڃ ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبو حل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو...ا

### بقايا عوامي سوچ 08

ي بااثر ماڻهن پاران ڪيل قبضي، ڏاڏاڻي زمين جو پاڻي بند ڪرڻ زمين کي بنجر بڻائڻ سان گڏ ڪيس ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف ڪفن پائي نئي پهچي دانهيندي الزام هڻندي عبدالرزاق ڪهراڻي چيو اهي ته سندس سروي زمين تعلقي سجاول جي ديه ونگارو ۾ 6 ايڪڙ 8 گهنٽا زمين آهي، جنهن تي گذريل 6 سالن کان وٺي بااثر ماڻهن قبضا ڪري ڪيس پنهنجي ئي زمين مان بيدخل ڪرڻ سميت هاڻي سندن ٻئي ڏاڏاڻي زمين جو پاڻي به بند ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بعد هو مسلسل احتجاج ڪرڻ بعد عدالتن ۾ وڃڻ بعد به ڪيس انصاف ملي ناهي سگهيو. عبدالرزاق ڪهراڻي وڌيڪ انڪشاف ڪندي چيو ته سندس باقي ڪجهه زمين جيڪا قبضي کان آجي اهي، ان جو وري بااثر ماڻهن پاڻي بند ڪري ڇڏيو اهي، جنهن ڪري اها زمين به پاڻي نه ملڻ ڪري بنجر بڻجي ويئي اهي، پر سندس دانهون ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي ۽ نئي ڪيس عدالتن مان انصاف ملڻ باوجود عدالتن جي حڪمن تي عمل ٿي ناهي سگهيو هن چيو ته سندس پاران احتجاج ڪرڻ تي قبضاگير بااثر ماڻهون ڪيس ويتر نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي ڪيترائي ڀيرا مٿس حملا ڪري چڪا آهن، جنهن مان ڪيس نقصان جو خطرو اهي، هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته سندس زمين تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي زمين سندس حوالي ڪري رهيل زمين جو بند ٿيل پاڻي کولرائي زمين کي بنجر بڻجڻ کان بچائي ڪيس تحفظ مهيا ڪري قبضاگيرن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي، جيئن هو وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهي. متاثر عبدالرزاق ڪهراڻي نئي ۾ احتجاج ڪرڻ بعد پيادل مارچ ڪري مڪلي پهچي اتي پڻ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي انصاف جي گهر ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 09

ڍاهڻ خلاف شهرين جو احتجاج اڏيرولال وليج ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر متياري طرفان انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي دوران اسٽاپ تي سيد گلزار شاهه جا دڪان ڍاهڻ واري عمل خلاف شهرين پاران احتجاج ڪيو ويو. شهرين جو چوڻ آهي ته دڪان ڍاهڻ واري ڪارروائي تي کين خدشا آهن، اختيارين کي گهرجي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪري متاثر ڌر سان انصاف ڪيو وڃي. شهرين مطالبو ڪيو ته ڪارروائي جي قانوني حيثيت واضح ڪري متاثر دڪاندار جا خدشا ختم ڪيا وڃن ۽ انتظاميا معاملي جو نوٽيس وٺي

### بقايا عوامي سوچ 10

سي آءِ ٽي گروپ جي ٽيمن ڀرپور حصو ورتو. هن علمي مقابلي جو مهمان خاص غلام اڪبر پٿوجو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسٽيوٽا (STEVTA) لاڙڪاڻو هو، جڏهن ته معزز مهمانن ۾ محمد حسن سومرو، هيڊ ماسٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول جيڪب آباد ۽ خواند بخش ٽيهم، پرنسپال گورنمينٽ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ بوائز جيڪب آباد شامل هئا. مقابلي دوران سمورين ٽيمن پنهنجي علمي صلاحيتن معلومات ۽ ذهانت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي شارٽ هينڊ گروپ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. هن پروگرام جو مقصد شاگردن ۾ علمي شعور، خود اعتمادي، مقابلي جو جذبو ۽ مثبت تعليمي سرگرمين کي همٿي وڌائڻ هو معزز مهمانن اهڙين تعليمي سرگرمين کي ساراهيو ۽ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي اداري جي انتظاميا پاران سمورن معزز مهمانن، مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن ۽ ڪامياب شاگردن جا ٿورا مڃيا جڏهن ته پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ ٽيم کي مبارڪباد پڻ پيش ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 11

ار ڪين خطرناڪ ٽڪر هنيو، جنهن سبب ٻئي ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. فوت ٿيلن جي سڃاڻپ سومار ٻارڻ، عمر 73 سال، ۽ عرفان ٻارڻ، عمر 12 سال، پٽ حسن ٻارڻ طور ٿي آهي. ٻئي ڄڻا ڳوٺ پراڻو نودو ٻارڻ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. حادثي جي اطلاع ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر پکڙجي وئي، جڏهن ته ٻن حياتين جي اوچتي ضايع ٿيڻ سبب وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو. هڪ ئي حادثي ۾ بزرگ ۽ معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ واري واقعي علائقي واسين کي ڏڪارو ڪري ڇڏيو. پوليس موجب ڪار ڊرائيور فرار جنهن جي ڳولها جاري آ

### بقايا عوامي سوچ 12

محبوب نوناري ۽ صدر ڊاڪٽر روشن چانڊيو جي باضابطہ منظوري، اليڪشن ڪميشن ۽ YDA قيادت سان مشاورت ڪانپوءِ ڊاڪٽر خان گل جي نمائندگيءَ ۾ ضلعي بدين جي نئين ڪابينا جو باضابطہ اعلان ڪيو ويو آهي. اعلان موجب ڊاڪٽر عابد حسين خواجه ۽ ڊاڪٽر عباس ملاح کي سرپرستِ اعليٰ مقرر ڪيو ويو آهي. ڪابينا ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار علي جمالي صدر، ڊاڪٽر حسن خواجه جنرل سيڪريٽري، ڊاڪٽر رمضان آرائين سينيئر نائب صدر، ڊاڪٽر دانش ميمڻ نائب صدر، ڊاڪٽر پرويز حنيف سومرو نائب صدر_2، ڊاڪٽر آصف ممتاز چانڊيو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، ڊاڪٽر مهتاب منڌرو جوائنٽ سيڪريٽري، ڊاڪٽر ديپڪ پهلواڻي فنانس سيڪريٽري، ڊاڪٽر عبدالواحد چانڊيو پريس سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر ايم. اشرف سومرو ترجمان مقرر ڪيا ويا آهن. ان موقعي تي ڊاڪٽر خان گل چيو ته مستقبل قريب ۾ تعلقي ماتلي سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽرن کي به ضلعي ڪابينا ۾ شامل ڪيو ويندو، جيئن ضلعي جي سمورن علائقن جي ڊاڪٽرن جي نمائندگي يقيني بڻائي سگهجي. نئين چونڊيل قيادت ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڊاڪٽرن جي جائز حقن جي تحفظ، اسپتالن ۾ ۽ بهتر ڪم ڪندڙ ماحول جي فراهمي، ۽ ضلعي بدين جي سرڪاري اسپتالن ۾ صحت جي سهولتن جي بهتري لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو. YDA ضلعي بدين جي نئين ڪابينا کي مبارڪون، اميد ته هيءَ قيادت ڊاڪٽر برادريءَ جي اتحاد، حقن جي تحفظ ۽ عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتيون ڪوششون ڪندي

### بقايا عوامي سوچ 13

تي نثار کهڙو جي تعزيت ڪراچي سنڌ جي ناليواري سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا جي پوٽي / ڀائٽي جي پٽ جي اوچتي وفات تي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو صاحب سندس رهائشگاهه تي پهچي تعزيت ڪئي. نثار احمد کهڙو صاحب مرحوم جي مغفرت، بلند درجن ۽ سوگوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا گهري ۽ اقبال حسين چنا سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ ٿيڻ جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي ڊپٽي ميئر لاڙڪاڻو محمد امين شيخ ۽ مظهر ميراڻي پڻ موجود هئا. اقبال حسين چنا، نثار احمد کهڙو ۽ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ توهان ساٿ ڏنو. الله پاڪ اوهان کي اجر ڏيندو

### بقايا عوامي سوچ 14

سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ڏنڊ ۾ اڇلايو ويو. چوڪيدار جون رڙيون ٻڌي ڀرپاسي موجود ملازم پهچي ويا، جنهن تي هٿياربند فرار ٿي ويا. زخمي چوڪيدار کي ڏنڊ مان ڪڍي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو، جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي وئي. واقعي کان پوءِ ڦورن جا پيرا ڪڍندي ڳوٺاڻن آر ڊي 88 پل ويجهو جهنگ مان هڪ شڪي جوابدار ولي محمد ولد خميسو ماڇي کي پڪڙي ورتو. جڏهن ته سندس ٻيا ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ڳوٺاڻن گرفتار ڪيل شڪي جوابدار کي جنگشاهي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. اطلاعن موجب، گرفتار شڪي جوابدار کان پڇا ڳاڇا دوران مختلف علائقن ۾ ساٿين سان گڏجي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هجڻ بابت انڪشاف سامهون اچڻ جا اطلاع آهن. جڏهن ته معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل آهي. شهرين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان کي يقيني بڻايو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 15

رن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي يونين جي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي ۽ ٻين عهديدارن چيو ته يونين ۽ سيپڪو جي ملازمن کي مبينا طور جبري طور نوڪرين مان برطرف ڪرڻ ملازمن سان ناانصافي آهي. هنن ڪنڊڪوٽ، سکر ۽ ٻين علائقن ۾ ملازمن سان ٿيندڙ مبينا ناانصافين جي مذمت ڪندي چيو ته ملازمن جا مسئلا انصاف ۽ منصفاڻي طريقي سان حل ڪيا وڃن. هنن چيو ته سينيئر ملازمن جي مسئلن تي ڌيان نه ٿو ڏنو وڃي، جڏهن ته نئين ملازمن خلاف ڪارروايون ڪيون وڃن ٿيون. آخر اهي ناانصافيون ڪڏهن ختم ٿينديون؟ يونين اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ملازمن جي حقن جي تحفظ لاءِ آواز بلند ڪيو ويندو رهندو. عبداللطيف نظاماڻي ۽ ٻين اڳواڻن يونين جي ميمبرن تي زور ڀريو ته هو متحد رهن، ڇاڪاڻ ته اتحاد ذريعي ئي ملازمن کي درپيش مسئلن ۽ مشڪلاتن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. هنن واضح ڪيو ته سي بي اي يونين واپڊا جي نجڪاري جي مخالف آهي ۽ ملازمن جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي. تقريب ۾ سي بي اي يونين جو ريجنل چيئرمين نثار احمد شيخ، حاجي خليل احمد ڊومڪي، شجاع کهمرو، عبدالمالڪ سومرو، جاويد عباسي، نظر محمد ميمڻ، سبحان سومرو، عقيل دايو، خادم ڪنڀر، برڪت علي مهر سميت ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 16

مد خان جوکيو سرڪاري ملازم هو. جيڪو ڪافي وقت اڳ وفات ڪري ويو اهي، جنهن جي پينشن سندس امڙ زيب النساء کي ملي ٿي جيڪا ڪيس پنهنجي پيءُ جي پينشن مان ڪوبہ حصو نٿي ڏي. هن الزام هڻندي چيو ته سندس ماءُ ٻين سندس ڀيڻن ۽ ڀائرن کي حصو پتي ڏي ٿي. پر ڪيس پنهنجو حصو نٿو ملي. هن چيو ته هو پرت پري مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪري ٿي، هن ڊي سي ٺٽو کي ڊي اي انتظاميه سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته ڪيس پنهنجي پيءُ جي پينشن مان ڪيس پنهنجو حصو ماءُ کان وٺرائي ڏنو وڃي، جيئن هو ان مان پنهنجو وقت گذاري سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 17

اڳيان بااثر منشيات فروش کلي عام منشيات جو وڪرو ڪري اسانجي نوجوان نسل جون زندگيون تباهه ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف موالي توڙي منشيات فروش نشي جي حالت ۾ اسانجي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪن ٿا، جن جون شڪايتون حد جي پوليس کي ڏيڻ باوجود پوليس منشيات فروشن خلاف ڪاب ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ اسانکي زير بار ڪري اسانجي ٻن ڄڻن احمد علي ۽ عظيم بروهي بلوچ کي گرفتار ڪري ڪٽي ويئي آهي، جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي آهي، هنن چيو ته منشيات فروشن سندن زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي، هنن ايس ايس پي ٺٽو کان گهر ڪئي ته منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪري منشيات کي بنجو ڏيئي سندن نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي موالين توڙي منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروايون ڪري ور شهر کي منشيات کان اجو قرار ڏيئي اتان جي عوام کي منشيات فروشن جي زيادتين مان نجات ڏياري وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

### بقايا عوامي سوچ 18

ار جو پرٽو ڪري ڇڏيو، ناري جي وارثن پاران کين ملندڙ موتمار ڌمڪين بعد دربدري جي زندگي گذاريندي ملندڙ موتمار ڌمڪين جي خوف سبب پريس ڪلب ٺٽي پهچي تحفظ جي اپيل ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ ڪانوڙ ڪراچي جي ڳوٺ حاجي گل حسن جوکيو جي رهواسڻ مسمات ثناء ڌيءُ داد رحيم جوکيو پنهنجي مڙس محمد اڪرم جوکيو سان گڏ ٺٽي پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هن 20 ڏينهن اڳ 26 سيپٽمبر تي پنهنجي مرضي سان گهارو لڳ ڳوٺ اسحاق جوکيو جي رهواسي نوجوان محمد اڪرم ولد ڪريم بخش جوکيو سان ٺٽي جي عدالت ۾ شريعت محمدي موجب حق نڪاح شادي ڪري ڇڏي آهي، جنهن سان هوءَ خوش زندگي گذاري پئي، پر سندس مائٽ ان شادي مان خوش ناهن، جيڪي سندس ۽ سندس مڙس جي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن، جيڪي کين نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، مسمات ثناء جوکيو چيو ته هن کان اڳ پڻ مٿس حملو ڪري ڪيس زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو، پر هنن مڙسي ڪري پاڻ کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي، جن ۾ سندس پيءُ داد رحيم جوکيو، ڀاءُ سرفراز، صدام حسين، مامون سڪندر جوکيو، وڏيرو بيت الله جوکيو، وڏيرو ڪمال جوکيو، رستم جوکيو ۽ ٻيا شامل اهن، جن مان ڪين نقصان جو خطرو آهي، هن چيو ته 20 آڪٽوبر تي ٺٽي ۾ سندن ڪيس جي پڻ ٻڌڻي اهي، پر بااثر ماڻهون سندن جان جا ويري بڻجي ڪين نقصان پهچائڻ ٿا چاهين، جنهن ڪري هو دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن، مسمات ثناء جوکيو چيو ته ڪيس ڪنهن به ورغلايو يا اغوا ناهي ڪيو هن پنهنجي مرضي سان اڪرم جوکيو سان شادي ڪئي آهي، هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، سيشن جج ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري کين تحفظ مهيا ڪري کين نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري کين نئين زندگي گذارڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو بهتر زندگي گذاري سگهن.

### بقايا عوامي سوچ 19

ي موقعي تي متياري ۾ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۽ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي گڏيل سهڪار سان ليڊ يوٿ آرگنائيزيشن سان گڏجي ڪري هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مقامي عورتن شرڪت ڪئي. تقريب جو مقصد ڳوٺاڻين عورتن جي حقن، تحفظ، روزگار ۽ سماجي ترقي بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو. ان موقعي تي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ تعلقا متياري جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ميڊم اِرم جلال ٻاڻي عورتن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ کين معاشي طور مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. جڏهن وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر متياري ميڊم حرا سومرو عورتن جي حقن ۽ تحفظ بابت آگاهي ڏيندي چيو ته عورتن کي پنهنجن حقن ۽ موجود سهولتن بابت ڄاڻ ڏيڻ ضروري آهي. لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ميڊم نجمه هاليپوٽو چيو ته ڳوٺاڻين عورتن جي مسئلن جي حل ڪرڻ ۽ کين بنيادي سهولتون ۽ بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن. سيف هائوس انچارج ميڊم مهرونساء ملاح پڻ عورتن جي حقن ۽ انهن جي سماج ۾ برابريءَ تي ڳالهايو. ان موقعي تي ليڊ يوٿ آرگنائيزيشن جي نوجوان اڳواڻ مهرين ملاح چيو ته ليڊ يوٿ آرگنائيزيشن جو مقصد ڳوٺاڻن نوجوانن سان گڏ خاص طور عورتن جي ترقي ۾ بااختياري لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڳوٺاڻين عورتن کي تعليم، روزگار ۽ اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سرڪاري ادارن ۽ سماجي تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. تقريب دوران مقامي عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ ڏينهن جي مناسبت سان ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڳوٺاڻين عورتن جي حقن، تحفظ ۽ ترقي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون.

### بقايا عوامي سوچ 20

سميت اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ مهدي حسن شيخ ۽ عمران علي طور ٿي، گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 2 پسٽول ۽ 4 زنده گوليون هٿ جوابدارن جي استعمال هيٺ مبينا ڦر ٿيل موٽرسائيڪل پڻ هٿ،زخمي جوابدار مهدي حسن شيخ خلاف مختلف ٿاڻن ۾ ڪيترائي ڪيس داخل آهن، ٻئي گرفتار جوابدار عمران علي جو به ڪرمنل رڪارڊ سامهون اچي ويو، گرفتار جوابدارن خلاف ٿاڻي سچل ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪاروائي جاري آهي، پوليس

### بقايا عوامي سوچ 21

ناروا رويي خلاف علائقي واسين سخت شڪايتون ڪندي صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته صحت مرڪز تي ايندڙ مريضن کي مناسب طبي سهولتون فراهم نه ٿيون ڪيون وڃن، ايتري تائين جو مريضن جو بخار يا بلڊ پريشر به چيڪ نه ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته کين ضروري دوائون پڻ فراهم نٿيون ڪيون وڃن. علائقي واسين چوڌري شوڪت جٽ، عبدالغفور انڙ، زبير انڙ، مقصود احمد، لياقت علي، جاويد خان، رضوان علي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته محمودآباد بنيادي صحت مرڪز ۾ 2011 ع کان مقرر ڊاڪٽر پرديپ ڪمار ۽ نرس عقيلا مبينا طور مريضن سان نامناسب رويو اختيار ڪن ٿا ۽ علاج لاءِ ايندڙ ماڻهن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران واپس موڪلي ڇڏين ٿا. هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته ڄاڻايل طبي عملو صحت مرڪز تي ايندڙ مريضن جو علاج ڪرڻ بدران مبينا طور معاوضو وٺي ماڻهن جي گهرن تي وڃي علاج ڪرڻ ۾ مصروف رهي ٿو. جنهن سبب سرڪاري صحت مرڪز مان علاج لاءِ رجوع ڪندڙ غريب ۽ مستحق مريض سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. علائقي واسين جو چوڻ هو ته بنيادي صحت مرڪز جو مقصد عوام کي سندن دروازي تي مفت ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، پر جيڪڏهن مريضن کي معمولي طبي معائني ۽ ضروري دوائن لاءِ به پريشان ٿيڻو پوي ته اهڙي صحت مرڪز جي ڪارڪردگي تي سوال اڀرن ٿا. هنن صحت کاتي جي اختيارين ۽ ڊپٽي ڪمشنر کان مطالبو ڪيو ته محمودآباد بنيادي صحت مرڪز جي ڪارڪردگي، طبي عملي جي حاضري، مريضن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن ۽ دوائن جي دستيابي بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي، جڏهن ته شڪايتون درست ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوارن خلاف قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ صحت مرڪز ۾ مريضن کي باعزت رويو، بروقت طبي معائنو، علاج ۽ ضروري دوائن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 22

، 5 موٽرسائيڪلون ۽ 10 موبائل فون هٿ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو پاران ڪارروائي ڪندڙ پوليس ٽيم کي شاباس، تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ٺٽو پوليس ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي خاص هدايتن تي ڏوهن جي خاتمي لاءِ ڪارروائي ڪندي موٽرسائيڪلون ڦرڻ ۽ ڦرلٽ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث مبينا ڏوهاري گروهه کي ٽريس ڪري ٽن مک جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان ڦر ٿيل 5 موٽرسائيڪلون ۽ 10 موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن.ايس ايس پي ٺٽو پاران ڪارروائي لاءِ سينيئر پوليس آفيسرن تي مشتمل خصوصي ٽيم جوڙي وئي، جنهن ۾ ڊي ايس پي واجد ٿهيم، انسپيڪٽر فيصل شفيع ميمڻ، انسپيڪٽر محمد جمن ڪوسو، انسپيڪٽر رياض حسين سومرو، انسپيڪٽر ماجد علي ڪورائي، انسپيڪٽر حسين جاکرو ۽ اي ايس آءِ محمد حنيف ناريجو شامل هئا.پوليس ٽيم پيشوراڻي مهارت ۽ اثرائتي حڪمت عملي تحت ڪارروائي ڪندي ٽن ڄڻن عمر ولد اسحاق گندرو،عبدالرحمان ولد حاجي ابراهيم سيهڙو ملاح ۽ الهدني عرف عدو ولد علي محمد گندرو کي گرفتار ڪيو.پوليس موجب شروعاتي جاچ دوران گرفتار جوابدارن ٺٽي ۽ مڪلي سميت مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ موٽرسائيڪلون ڦرڻ ۽ ڦرلٽ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي.ڦر ۽ ڦرلٽ جون ڪهڙيون وارداتون ظاهر ٿيون؟پوليس جي جاري ڪيل تفصيلن موجب جوابدارن تي غلام الله روڊ جيل پرسان وحيد مراد خشڪ کان سي ڊي 70 موٽرسائيڪل ڦرڻ، 14 آگسٽ 2026ع تي مڪلي جي ڪيفي نثار وٽ ڪراچيءَ کان پڪنڪ تي آيل سياحن کان موٽرسائيڪل ڦرڻ، ناريجا وليج مڪلي مان 125 موٽرسائيڪل ڦرڻ ۽ مڪلي سوسائٽي مان مختلف وقتن تي ٽي سي جي 125 موٽرسائيڪلون ڦرڻ جا الزام آهن.ان کان علاوه 28 سيپٽمبر 2026ع تي ڪاڪا مارڪيٽ پرسان ماسٽر عزيز خاصخيلي جي پٽ کان سي ڊي 70 موٽرسائيڪل ڦرڻ، 26 سيپٽمبر تي ڊي سي آفيس مڪلي جي پنيان علي شير آرائين ۽ وزير جوکئي کان سي جي 125 موٽرسائيڪل ڦرڻ ۽ 13 آڪٽوبر تي عيدگاهه لنڪ روڊ تي سم نالي پرسان غلام نبي سمون کان سي ڊي 70 موٽرسائيڪل ڦرڻ جا واقعا پڻ شامل آهن.پوليس موجب جنگشاهي روڊ تي دلبهار جوکئي جي دڪان تان هڪ موبائل فون، 40 هزار رپيا روڪ رقم ۽ 45 هزار رپين جي ماليت جا پئسن جا هار ڦرڻ جو ڪيس پڻ جوابدارن سان لاڳاپيل ڄاڻايو ويو آهي.مڪلي ورڪشاپ واري علائقي ۾ امير پالاري جي چڪن شاپ تان ٻه موبائل فون ۽ 55 هزار رپيا روڪ رقم ڦرڻ، صوبائي وزير اوقاف سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي ڊرائيور بشير جي پٽ کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦرڻ، مڪلي سوسائٽي مان مهتاب عباسي ۽ آفتاب شاهه جا ٻه موبائل فون ڦرڻ ۽ مڪلي مان محسن طارق ڪورائي کان سي جي 125 موٽرسائيڪل ڦرڻ جا واقعا پڻ پوليس جي تفصيلن ۾ شامل آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته ڄاڻايل واقعن بابت ٺٽو ۽ مڪلي ٿاڻن تي مختلف ڪيس داخل ٿيل آهن. جڏهن ته جوابدارن جي مبينا ڏوهن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.هٿ ڪيل موٽرسائيڪلون ۽ موبائل فونپوليس موجب ڪارروائي دوران پنج موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون، جن ۾ هڪ ڳاڙهي رنگ جي هونڊا سي ڊي 70 ماڊل 2025ع ۽ چار هونڊا سي جي 125 ۽ سي ڊي 70 موٽرسائيڪلون شامل آهن.ان کان علاوه 10 موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن، جن ۾ ريئلمي C53، اوپو A96، ٽيڪنو اسپارڪ C10، اوپو رينو 2، انفنڪس هاٽ i40، ويوو V21e، انفنڪس هاٽ 11، انفنڪس اسمارٽ 8، زيڊ ٽي اي A35e ۽ ريئلمي C71شامل آهن.جوابدارن جو اڳوڻو رڪارڊ ۽ وڌيڪ گرفتاريونپوليس پاران جاري ڪيل رڪارڊ موجب گرفتار جوابدارن خلاف اڳ ۾ به مختلف ڪيس داخل ٿيل ڄاڻايا ويا آهن، جن ۾ ڦرلٽ، منشيات ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيس شامل آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته گروهه جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

### بقايا عوامي سوچ 23

معاهدو استادن کي عورتن جي بااختيار بڻائڻ، صنفي تشدد جي روڪٿام ۽ مثبت مردانگي جي واڌاري بابت تربيت ڏني ويندي تفصيلن موجب، ميرپورخاص ضلعي تعليم کاتي ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام (سي ايس ايس پي) جي وچ ۾ استادن جي تربيت لاءِ هڪ معاهدو ٿيو آهي، جنهن تحت سرڪاري اسڪولن جي استادن کي عورتن جي بااختيار بڻائڻ، صنفي تشدد، مثبت مردانگي ۽ ٻين اهم سماجي موضوعن تي تربيت فراهم ڪئي ويندي. تعلقي تعليم آفيسر مونا ناز، اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر رضيه بيگم، سول سوسائٽي شاهد الرحمان، اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر علي خان ناريجو ۽ ٻيا آفيسر ۽ سماجي شخصيتون ان موقعي تي موجود هيون. ان سلسلي ۾، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري مير فضل محمد ٽالپور ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي ضلعي مئنيجر محمد بخش ڪپري تعليم کاتي جي آفيس ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون. معاهدي تحت، چونڊيل استاد ايندڙ مهيني کان اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ تربيتي سرگرمين ۾ حصو وٺندا، جتي انهن کي عورتن جي حقن، صنفي برابري، صنفي تشدد جي روڪٿام، مثبت مرد ڪردار ۽ ٻين اهم موضوعن تي تربيت ڏني ويندي. تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، اهي استاد پنهنجن لاڳاپيل اسڪولن ۾ شاگردن لاءِ آگاهي سيشن منعقد ڪندا، ته جيئن تربيت جا نتيجا وڌ کان وڌ ٻارن تائين پهچي سگهن. ان موقعي تي، ضلعي تعليم آفيسر مير فضل محمد ٽالپر ۽ سي ايس ايس پي ضلعي مئنيجر محمد بخش ڪپري چيو ته سماج ۾ چوڪرين ۽ چوڪرن کي صنفي برابري، عورتن جي حقن ۽ تشدد جي روڪٿام بابت آگاهي فراهم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. اسڪول هن مقصد لاءِ هڪ مؤثر پليٽ فارم آهن، جتي ٻارن جي مثبت سوچ ۽ روين کي شڪل ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته استادن ذريعي اسڪولن ۾ آگاهي سيشن منعقد ڪرڻ سان نه رڳو شاگردن ۾ شعور پيدا ٿيندو پر اهي انهن جي گهرن، خاندانن ۽ پاڙي ۾ مثبت پيغام پهچائڻ جو ذريعو پڻ بڻجي ويندا. ٻنهي ادارن جي وچ ۾ هي سهڪار صنفي برابري کي فروغ ڏيڻ، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ تشدد کان پاڪ، محفوظ ۽ برابري وارو سماج ناهڻ جي طرف هڪ اهم ۽ مؤثر قدم آهي

### بقايا عوامي سوچ 24

نمبر 4 مڪمل طور بلاڪ ٿي وئي ريلوي انتظاميا ٽريڪ جي بحالي لاءِ رليف ٽرين گهرائي ورتي جنهن بعد فوري طور امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون ۽ بوگي کي ٽريڪ تي چاڙهڻ بعد هوجمالو ٽرين کي روانو ڪيو ويو ٻي طرف ريلوي ۾ پيش ايندڙ حادثن سبب مسافرن جي حفاظت بابت پڻ سوال اڀري رهيا آهن ريلوي حادثا روز جو معمول بڻجڻ تي شهرين ۽ مسافرن ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي جن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ريلوي ٽريڪ جي نگراني، فني چڪاس ۽ حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن اهڙن واقعن کان بچي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 25

عمول بڻيل آهي پل تان وڏين گاڏين جي گذرڻ تي پابندي هجڻ باوجود ان تي مڪمل عملدرآمد نه ٿيڻ سبب ٽريفڪ جا مسئلا گهٽجڻ بدران وڌي رهيا آهن نتيجي ۾ پل تان گذرندڙ ننڍين گاڏين،موٽرسائيڪلن ۽ ٻين مسافر گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي وڃن ٿيون جڏهن ته شهرين کي پنهنجي منزل تائين پهچڻ ۾ غيرضروري دير برداشت ڪرڻي پوي ٿي ٽريفڪ جام سبب روزانو شاگردن،ڪاروباري،نوڪري پيشہ ۽ ٻين ضروري ڪمن سان ٻاهر نڪرندڙ شهرين جو قيمتي وقت ضايع ٿئي ٿو خاص طور تي رش وارن وقتن ۾ پل تان گذرڻ ڏکيو بڻجي وڃي ٿو جنهن سبب مسافرن کي ذهني ڪوفت ۽ پريشانيءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو شهرين جو چوڻ آهي ته جڏهن وڏين گاڏين جي اچ وڃ تي پابندي لاڳو آهي ته پوءِ ان جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي چو نٿي ڪئي وڃي ۽ پابنديءَ تي سختيءَ سان عمل چو نٿو ڪرايو وڃي شهرين موجب لينس ڊائون پل روهڙي جي اهم تاريخي ۽ آمدرفت واري گذرگاهه آهي تنهن ڪري هتي ٽريفڪ جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ پابندين تي عمل ڪرائڻ لاڳاپيل انتظاميا جي ذميواري آهي جيڪڏهن وڏين گاڏين جي اچ وڃ کي ضابطي ۾ آندو وڃي ۽ ٽريفڪ جي نگرانيءَ لاءِ مناسب انتظام ڪيا وڃن ته ٽريفڪ جام جي مسئلي ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي شهرين لاڳاپيل انتظاميا،ٽريفڪ پوليس ۽ ٻين ذميوار ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته لينس ڊائون پل تي روزانو ٽريفڪ جام ٿيڻ واري صورتحال جو فوري نوٽيس ورتو وڃي وڏين گاڏين جي اچ وڃ تي لڳل پابنديءَ تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪرايو وڃي ۽ پابنديءَ جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن پل تان ٽريفڪ جي رواني بحال ٿي سگهي ۽ شهرين کي روزاني جي پريشانين کان ڇوٽڪارو ملي سگهي

### بقايا عوامي سوچ 26

من وچ ۾ گڏيل سهڪار، رابطن ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ضروري آهي. هن چيو ته حامله عورتن، مائرن ۽ ٻارن جي صحت ۽ ڀلائي کي بهتر بڻائڻ، غذائي کوٽ جي روڪٿام، مستحق خاندانن کي سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ عوام کي بهتر صحت جون سهولتون پهچائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجي ذميوارين کي مؤثر نموني ادا ڪرڻ گهرجي. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ متياري جي لطيف هال ۾ سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جي ماءُ ۽ ٻار پروگرام بابت ضلعي رابطا ڪميٽي (DCC) ۽ ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار نيوٽريشن (DCCN) جي الڳ الڳ اجلاسن جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاسن دوران ماءُ ۽ ٻار پروگرام جي جاري سرگرمين، عملدرآمد جي صورتحال، ضلعي ۾ غذائيت جي موجوده صورتحال ۽ غذائي کوٽ جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. مختلف لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پنهنجن پنهنجي شعبي ۾ ٿيندڙ ڪمن، حاصل ڪيل اڳڀرائي، جاري سرگرمين ۽ عملي طور پيش ايندڙ مسئلن بابت بريفنگ ڏني. ماءُ ۽ ٻار پروگرام بابت اجلاس ۾ حامله عورتن ۽ ٻارن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ، ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بڻائڻ، مستحق عورتن تائين پروگرام جا فائدا پهچائڻ، آبادي جي رجسٽريشن ۽ سڃاڻپ جي عمل کي بهتر ڪرڻ ۽ سماجي تحفظ جي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ بابت معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو. جڏهن ته غذائيت بابت اجلاس ۾ ٻارن ۽ عورتن ۾ غذائي کوٽ جي نشاندهي، متاثر ٻارن ۽ مائرن کي غذائيت ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ، ٻارن جي مناسب واڌ ويجهه، غذائيت بابت عوامي آگاهي ۽ غذائي کوٽ جي روڪٿام لاءِ جاري سرگرمين جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي صحت، مقامي حڪومت، عورتن جي ترقي، سماجي ڀلائي، آبادي جي ڀلائي ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جي ڪارڪردگي تي پڻ بحث ڪيو ويو. آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن پاران جاري قدمن ۽ پيش ايندڙ چئلينجن بابت آگاهي ڏني، جڏهن ته مستحق ماڻهن جي نشاندهي، سهولتن جي فراهمي، سرگرمين جي نگراني ۽ مختلف ادارن جي ڪوشش کي گڏيل بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ II امجد جمالي لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائين، جاري سرگرمين جي باقاعده نگراني ڪن، پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ هڪ ٻئي سان مسلسل رابطي ۽ سهڪار ۾ رهن ۽ ماءُ ۽ ٻار پروگرام توڙي غذائيت جي بهتري لاءِ گڏيل ذميواريءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪن، جيئن ضلعي جي مستحق عورتن، مائرن ۽ ٻارن کي انهن پروگرامن مان وڌ کان وڌ فائدو پهچي سگهي. اجلاسن ۾ ضلعي متياري جي لاڳاپيل سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ مختلف غير سرڪاري تنظيمن (NGOs) جي نمائندن شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 27

بو ڪيو ته پرائمري استادن جا مسئلا فوري طور حل ڪري کين بنيادي حق فراهم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو علامتي بک هڙتال جي اڳواڻي ڪندڙ استادن سيد نياز حسين شاهه، غلام حسين جسڪاڻي ۽ اعجاز احمد شيخ چيو ته پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي هو ٻئي ڏينهن به پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن هنن چيو ته پرائمري استادن جا مطالبا جائز ۽ بنيادي حقن سان لاڳاپيل آهن، جن کي نظرانداز ڪرڻ بدران حڪومت کي فوري طور تسليم ڪرڻ گهرجي هنن مطالبو ڪيو ته پرائمري استادن لاءِ سروس اسٽرڪچر جو مسئلو حل ڪيو وڃي استادن کي هيلٿ ڪارڊ فراهم ڪيا وڃن ۽ بيسڪ استادن کي هر مهيني باقاعدگي سان پگهارون ادا ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي جيئن کين درپيش معاشي ۽ انتظامي مسئلن مان ڇوٽڪارو ملي سگهي. هنن وڌيڪ چيو ته استادن کي پنهنجن جائز حقن لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ بدران حڪومت کي سندن مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم کڻڻ گهرجن احتجاج ڪندڙ استادن اعلان ڪيو ته پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت جي پروگرام تحت سڄي سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ ٽن ڏينهن تائين علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويندو ان کانپوءِ تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ ضلعي سطح تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا جڏهن ته مطالبن جي منظوري نه ٿيڻ جي صورت ۾ ايندڙ مرحلي ۾ ڪراچي ڏانهن لانگ مارچ ڪيو ويندو هنن چيو ته ڪراچي پهچي وڏي وزير جي رهائشگاهه آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو جيئن حڪمرانن جو ڌيان پرائمري استادن جي مسئلن ڏانهن ڇڪائي سگهجي هنن واضح ڪيو ته جيستائين سروس اسٽرڪچر، هيلٿ ڪارڊ، پگهارن جي باقاعده ادائيگي ۽ ٻين جائز مطالبن جي منظوري نه ٿي ڏني وڃي، تيستائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي استادن حڪومت کي خبردار ڪندي چيو ته سندن مطالبن کي مسلسل نظرانداز ڪرڻ سان احتجاج جو دائرو وڌندو ۽ ان جي سموري ذميواري حڪومت تي هوندي. هنن عزم ظاهر ڪيو ته پرائمري استاد پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ پرامن ۽ جمهوري جدوجهد تان ڪنهن به صورت ۾ پوئتي نه هٽندا ۽ مطالبن جي منظوري تائين پنهنجي تحريڪ جاري رکندا

### بقايا عوامي سوچ 28

ئي وفد جي يوسي چيئرمين سان ملاقات رهواسين کي پيش ايندڙ مشڪلاتن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ان سلسلي ۾ يونين ڪائونسل پٽني جي علائقن ٽنڊرو مير حسن، بوراهه ۽ پٽائي ڪالوني ۾ گذريل ڏهن سالن کان ترقياتي ڪم نه ٿيڻ ۽ گٽرن جو نظام تباهه هجڻ سبب رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن علائقي جي رستن تي گندي پاڻيءَ جا تلاءَ ٺهڻ سبب نه رڳو عام شهرين پر گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ويندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي به اچ وڃ ۾ سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٻئي طرف يوسي پٽني جي آفيس ۾ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت موجود نه هجڻ سبب شهرين کي رهائشي، پيدائشي ۽ فوتگي سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪلوميٽر سفر ڪرڻو پوي ٿو جنهن ڪري کين اضافي تڪليف ۽ وقت جي زيان کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان سلسلي ۾ جمعيت علماءِ اسلام يوسي پٽني جي وفد قاري عطاالله عباسي جي اڳواڻي ۾ چيئرمين غلام مهدي سروهي سان ملاقات ڪري علائقي جا بنيادي مسئلا پيش ڪيا وفد چيئرمين کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ صفائي سترائي، گندي پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ترقياتي ڪمن کي بنا دير شروع ڪرايو وڃي جڏهن ته يوسي آفيس ۾ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وڃي جيئن شهرين کي ضروري سرٽيفڪيٽن جي حصول لاءِ پريشان نه ٿيڻو پوي وفد ۾ سعيد احمد چچڙ، عبدالستار برڙو، عبدالخالق ميراڻي ۽ عبدالوحيد چچڙ پڻ شامل هئا ان موقعي تي چيئرمين غلام مهدي سروهي وفد کي يقين ڏياريو ته علائقي ۾ صفائي سترائي جي صورتحال جي نگراني ڪئي ويندي يوسي آفيس ۾ ڪمپيوٽرائزڊ نظام قائم ڪيو ويندو جڏهن ته ايندڙ ترقياتي قسط ملڻ ڪانپوءِ علائقي ۾ ترقياتي ڪم شروع ڪرايا ويندا

### بقايا عوامي سوچ 29

ي مبينا قبضي واري معاملي تان علائقي ۾ ڳڻتي پيدا ٿي وئي آهي. بروهي برادري جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته قبرستان جي زمين تي ڪنهن به قسم جو قبضو هرگز برداشت نه ڪيو ويندو. بروهي برادري جي اڳواڻن الزام هنيو آهي ته هميرو ميگهواڙ ۽ سندس ساٿي قبرستان جي زمين تي مبينا طور قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. برادري پاران انتظاميا کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. برادري جي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جنگشاهي جو ماحول پرامن آهي ۽ ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪيو وڃي، جنهن سان ٻن برادرين وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيڻ جو خدشو هجي. هنن ڊي سي ٺٽو ايس ايس پي ٺٽو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قبرستان جي زمين جي سرڪاري رڪارڊ ۽ حدبندي جي بنياد تي جاچ ڪرائي، مبينا قبضو ختم ڪرايو وڃي ۽ قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن. بروهي برادري واضح ڪيو ته هو معاملو قانوني ۽ پرامن طريقي سان حل ڪرائڻ چاهين ٿا ۽ انتظاميا کان بروقت مداخلت جي اميد رکن ٿا، جيئن جنگشاهي ۾ امن امان برقرار رهي

### بقايا عوامي سوچ 30

ن بوجواوڌ ۽ هريش ٽاٽي تي پهچي ٻڌايو ته هو بينڪ الفلاح مان رقم ڪيرائڻ بعد واپس وڃي رهيا هئا ته 125 موٽرسائيڪل تي سوار ٻن اڻڄاتل ماڻهن سندن پويان لڳي ويا هنن موجب تاج پيٽرول پمپ کان اڳتي ڳوٺ بارگاهه ڏانهن ويندڙ روڊ تي جوابدارن کين هٿيارن جي زور تي روڪي ورتو ۽ وٽن موجود 3 لک 45 هزار رپيا ڦر ڪرڻ ڪانپوءِ موقعي تان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثرن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر جي واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 31

احمد ميمڻ غلام مصطفي نياز عمراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي بک هڙتال ڪئي جڏهن ته پ ٽ الف ضلعي صدر عبدالقادر ڪنير خصوصي طور ڪئمپ تي پهچي بک هڙتال ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي استادن چيو ته استادن سان سراسر ناانصافيون ٿي رهيون آهن انهيڪري احتجاج ۽ بک هڙتال جو سلسلو شروع ڪيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته استادن جو سروس اسٽرڪچر بحال ڪيو وڃي نون استادن کي هڪدم جوائينيگ ڏيئي سيپيئي خالي جاين تي ڀرتي جو سلسلو شروع ڪيو وڃي جبري بدلين کي روڪيو وڃي بائيو ميٽڪ سسٽم سيڪريٽريٽ بجاءِ ضلعي سطح تي رکي استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

### بقايا عوامي سوچ 32

تون ملڪ جي زرعي معيشت، سماجي ترقي ۽ گهريلو نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. تنهن ڪري عورتن کي تعليم، صحت، روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين بهتر رسائي فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن حقن جو تحفظ ۽ کين معاشي طور بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد ڀهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ عورتن کي خطاب ڪندي چيو ته ڀهراڙيءَ جون عورتون زراعت، مال پالڻ، گهرن جي سارسنڀال ۽ ٻين معاشي سرگرمين ۾ محنت ۽ ذميواريءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. پر ان جي باوجود کين ڪيترن ئي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته عورتن کي برابريءَ جا موقعا فراهم ڪرڻ، سندن صلاحيتن کي همٿي وڌائڻ ۽ فني تربيت ذريعي روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ سرڪاري ادارن، سماجي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته ڀهراڙيءَ جي عورتن کي تعليم، صحت، صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائڻ سان نه رڳو سندن زندگيءَ جو معيار بهتر ٿيندو، پر مجموعي طور خاندانن ۽ سماج جي ترقيءَ ۾ پڻ مثبت تبديلي ايندي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عورتن جي مسئلن جي حل لاءِ سندن راءِ ٻڌڻ ۽ کين فيصلا سازيءَ جي عمل ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي ڊپٽي کي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته ڀهراڙيءَ جي عورتن جي ڀلائي، حقن جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ اهڙيون سرگرميون اهميت رکن ٿيون. جيڪي عورتن ۾ شعور پيدا ڪرڻ سان گڏ کين پنهنجن حقن ۽ ذميوارين کان آگاهه ڪن ٿيون هن ڀهراڙي جي عورتن کي چيو هو پنهنجي صحت تي پڻ ڌيان ڏين وقت سر ڊاڪٽرن کان پنهنجو معائنو ۽ صحت سان لاڳاپيل ٽيسٽون پڻ ڪيرائينديون رهن ته جيئن سندن صحت بهتر رهي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول بدين ون جي شاگردياڻين طرفان عورتن جي ڳوٺاڻي زندگي تي خوبصورت ٽيبلو پيش ڪيو ويو ان موقعي تي پي پي پي ليڊيز ونگ جي ضلعي جنرل سيڪريٽري ساجده ٽالپر، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر ممتا پروگرام سيده رضوانه حنين شاهه، سورمي ست اڳواڻ ماروي عابده سمون، شاهده قمبراڻي، زينب خان سمون، سيده مڪل شاهه ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

### بقايا عوامي سوچ 33

اف جي اپيل ڪئي آهي. رئيا چيو ته سندس والد پنج سال اڳ وفات ڪري ويو، جنهن ڪانپوءِ سندس سوتيلي ماءُ سويتا مبينا طور والد مرحوم جي جائيداد تي قبضو ڪرڻ جي نيت سان مٿس تشدد ڪندي رهي، جنهن سبب سندس حالت خراب ٿي وئي. هن ٻڌايو ته حالت خراب ٿيڻ بعد سندس مامو کيس پنهنجي گهر ميرپورخاص وٺي آيو، جتي هوءَ هن وقت رهائش پذير آهي، پر سندس چوڻ موجب سوتيلي ماءُ سندس سارسنڀال ڪندڙ مامي، چاچن ۽ ٻين مائٽن کي به مختلف حربن ذريعي ڌمڪائي ۽ هراسان ڪري رهي آهي. نوجوان ناري الزام لڳايو ته سوتيلي ماءُ عمرڪوٽ ۾ رهي والد مرحوم جي لکين رپين جي جائيداد ۽ رقم تي قبضو ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪري رهي آهي. هن دعويٰ ڪئي ته سندس والد مرحوم وٽ لکين رپيا پڻ موجود هئا، جڏهن ته جائيداد بابت ڪيترائي تفصيل سندس والد ڊائري ۾ لکرايا هئا ۽ موبائل فون ۾ پڻ اهم رڪارڊ موجود هو. جيڪو سندس الزام موجب سوتيلي ماءُ وٽان کسيو ويو آهي. رئيا سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي چيف جسٽس ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪندي چيو ته ڪيس والد مرحوم جي جائيداد ۾ قانوني حق کان محروم نه ڪيو وڃي. هن مطالبو ڪيو ته سندس سوتيلي ماءُ خلاف الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ والد مرحوم جي جائيداد مان سندس قانوني حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي، جيئن هوءَ پنهنجي زندگي عزت ۽ آساني سان گذاري سگهي.س

### بقايا عوامي سوچ 34

دي الزام هنيو آهي ته پوليس اهلڪارن سندن گهر تي ڇاپو هڻي سندس پوليس اهلڪار مڙس طارق راجپوت ۽ شاگرد پٽ جمشيد کي گرفتار ڪري مبينا طور منشيات جي ڪوڙي ڪيس ۾ قاسائي جيل موڪلي ڇڏيو آهي. شهناز طارق موجب هڪ هفتي اڳ رات جو تقريبن 2 وڳي ٽن پوليس موبائلن ۾ سوار پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن سندن گهر تي ڇاپو هنيو. جتان سندس مڙس طارق راجپوت ۽ پٽ جمشيد کي گرفتار ڪيو ويو. هن ٻڌايو ته سندس پٽ جمشيد تعليم حاصل ڪري رهيو آهي ۽ سندس امتحان پڻ جاري آهن. جڏهن ته سندس مڙس طارق راجپوت جي ڪراچي ۾ سي پيڪ سان لاڳاپيل ڊيوٽي آهي. هن چيو ته هوءَ پاڻ ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا آهي ۽ حيدرآباد مان علاج ڪرائي رهي آهي. پريس ڪانفرنس دوران جمشيد الزام هنيو ته جيل منتقل ڪرڻ بعد سندس ۽ سندس والد سان مبينا طور تشدد ڪيو ويو جڏهن ته لطيف زرداري نالي هڪ قيدي ذريعي پڻ مٿن تشدد ڪرايو ويو هن دعويٰ ڪئي ته مٿن دباءُ وجهي ٻن قسطن ۾ مجموعي طور 2 لک 20 هزار رپيا ورتا ويا. متاثر خاندان اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي پوليس پاران داخل ڪيل مبينا منشيات ڪيس، تشدد ۽ رقم وصول ڪرڻ جي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

## پينشنرن جي رڪارڊ جي تڪميل لاءِ لاڳاپيل ڪاتن کي هدايتون

پينشنرن جون ماسٽر فائلون مڪمل ڪرڻ لاءِ گهربل رڪارڊ جي تصديق ڪري جلد جمع ڪرايو وڃي: اي ڊي سي ون

ٿيل اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر نثار احمد ڪوڪر ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

اجلاس دوران پينشنرن جي رڪارڊ جي فراهمي ۽ ماسٽر فائلن جي تڪميل ۾ پيش ايندڙ مسئلن جو جائزو ورتو ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) پينشنرن جي رڪارڊ جي تڪميل لاءِ لاڳاپيل ڪاتن کي هدايتون ميرپورخاص: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نويد بلوچ لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته پبلڪ اڪائونٽس ڪم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

### جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ريلي پوليس پارٽيءَ تي حملي جي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جو ايس ايس پي سکر احمد چوڌري نوٽيس

روهڙي (رپورٽ: جمال ڪٽپر) روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ روپوش جوابدارن جي گرفتاري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

### جي يو آءِ جي بزرگ اڳواڻ مولانا فيض محمد ڏول جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

جيڪب آباد (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام جي ممتاز مرحوم اڳواڻ مولانا فيض محمد ڏول جي گهرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

## گذريل ارڙهن سالن کان پاڪستان پيپلز پارٽي آصف علي زرداري جي اثر هيٺ آهي: سردار انور سومرو

اقتدار جا بکيا مسلم ليگ نواز سان ملي ڪري اقتدار جا مزا ماڻي رهيا آهن سندن ناڪام پاليسين جي ڪري ملڪ ۾ مهانگائي بي روزگاري بک ۽ بدحالي وڌي وئي آهي

جنهن سان مسڪين ماڻهو هڪ ويلو ماني لاءِ واجهائي رهيو آهي بجلي گئيس پيٽرول جاريت وڌڻ سان عوام جو جيئڻ محال ٿي ويو آهي

پنهنجا مفادات حاصل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي عوام پاڪستان پارٽي اهڙي فيصلي کي رد ڪندي سخت مذمت ڪري ٿي

دڙو (رپورٽر) جنرل ضياءُ الحق جي خلاف ايم آر ڊي تحريڪ کان وٺي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت تائين پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ حقيقي عوامي جمهوري پارٽي طور سڃاتي ويندي هئي اهڙو اظهار عوام پاڪستان پارٽي سنڌ ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن سنڌ جي مرڪزي چيئرمين جي سڏ تي احتجاج

سنڌ اندر ٻين سمورن ڪاتن ۾ ملازمن کي پگهارون الائونس خاص مراعتون ملي رهيون آهن

سنڌ اندر مختلف ڪاتن ۾ پگهارون مقرر وقت تي ملن ٿيون

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن سنڌ جي مرڪزي چيئرمين ۽ صدر سيد ذوالفقار علي شاه جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

## حاجي صيفل پالاري ۾ طفيل احمد پالاري ۽ ڳوٺاڻن پاران ٻارهين شريف جي نسبت سان پروقار روحاني ۽ عقيدتي محفل منعقد

جنهن ۾ ٺٽي ۽ جنگشاهي جي ناميارين نعت خوانن بارگاهه رسالت مآب صہ ۾ نعتون پيش ڪري عقيدت جا گل نڇاور ڪيا

محفل ۾ عاشقانِ رسول صہ، محبانِ اولياءِ ڪرام، علما، مشائخ ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

نعت خواني، ذڪر ۽ درود و سلام سان محفل جو ماحول روحاني ۽ وجداني بڻجي ويو

جنگشاهي (رپورٽر): جنگشاهي لڳ ڳوٺ خليفه حاجي صيفل پالاري ۾ طفيل احمد پالاري ۽ ڳوٺاڻن پاران ٻارهين شريف جي نسبت سان پروقار روحاني ۽ عقيدتي محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ٺٽي ۽ جنگشاهي جي ناميارين نعت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

## بلڙي شاهه ڪريم ۾ چواڻ ۽ مگسي محلي جي 300 گهرن جي رهواسين جي 14 فوٽ گهٽي بحال نه ٿي، رهواسين جو احتجاج

گهٽي بند ٿيڻ سان سوين خاندانن جي اچ وڃ متاثر ٿيندي، بيماري، ايمرجنسي، فوتگي ۽ شادين جي موقعن تي سخت مشڪلاتون پيش اينديون: علي چواڻ، مظفر مگسي ۽ ٻيا

ڪليل چڊيل 14 فوٽ ويڪري گهٽي بحال نه ٿيڻ خلاف علي چواڻ، ڏنو چواڻ، ذوالفقار مگسي، مظفر مگسي ۽ ايان چوهاڻ جي اڳوڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

14 فوٽ ويڪري گهٽيءَ جو ڪجهه حصو عارضي طور ڪليل ڇڏيو ويو هو، جيڪو نادرا آفيس جي ڪنڌ تائين اچي ٿو: نويد قمر

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ چواڻ ۽ مگسي محلي جي 300 گهرن جي رهواسين جي 14 فوٽ گهٽي بحال نه ٿي، رهواسين جو احتجاج، گهٽي بند ٿيڻ سان سوين خاندانن جي اچ وڃ متاثر ٿيندي، بيماري، ايمرجن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

### سجاول جي رهواسي رٽائرڊ استاد عبدالرزاق کهڙائي پنهنجي سروي زمين تي بااثر ماڻهن پاران ڪيل قبضي خلاف احتجاج

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سجاول جي رهواسي رٽائرڊ استاد عبدالرزاق کهڙائي پنهنجي سروي زمين ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

### انڪروچمينٽ جي آڙ ۾ سيد گلزار شاهه جا دڪان ڊاهڻ خلاف شهرين جو احتجاج

اڏيرولال وليج (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو) انڪروچمينٽ جي آڙ ۾ سيد گلزار شاهه جا دڪان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

## جيڪب آباد گورنمينٽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس اينڊ ڪمرشل ايجوڪيشن جيڪب آباد ۾ اچ ٻئين ڪوئز مقابلي جو انعقاد

جنهن ۾ اداري جي چئن گروپن، ڪامرس گروپ، شارٽ هينڊ گروپ، ڊي آءِ ٽي گروپ ۽ سي آءِ ٽي گروپ جي ٽيمن ڀرپور حصو ورتو

هن علمي مقابلي جو مهمان خاص غلام اڪبر پتوجو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسٽيوٽا (STEVTA) لاڙڪاڻو هو

پروگرام جي پڄاڻيءَ تي اداري جي انتظاميا پاران سمورن معزز مهمانن، مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن ۽ ڪامياب شاگردن جا ٿورا مڃيا

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد گورنمينٽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس اينڊ ڪمرشل ايجوڪيشن جيڪب آباد ۾ اچ ٻئين ڪوئز مقابلي جو انعقاد ڪيو ويو، جنهن ۾ اداري جي چئن گروپن، ڪامرس گروپ، شارٽ هينڊ گروپ، ڊي آءِ ٽي گروپ ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

## سجاول رپورٽر امتياز ميمڻ ۾ افسوسناڪ روڊ حادثو، تيزرفتار ڪار جو ٽڪر، 73 ورهين جو بزرگ ۽ 12 ورهين جو ٻار فوت

بدين روڊ تي پڄاري موري وٽ حادثو، روڊ ڪناري ڪائيون ڪنڌڙ ٻن ڄڻن جون حياتيون ضايع، علائقي ۾ سوڳ جي لهر

معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ واري واقعي علائقي واسين کي ڏڪارو ڪري ڇڏيو. پوليس موجب ڪار ڊرائيور فرار جنهن جي ڳولها جاري آ

ٻئي ڄڻا ڳوٺ پراڻو نودو ٻارڻ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. حادثي جي اطلاع ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر پکڙجي وئي

سجاول ۾ بدين روڊ تي پڄاري موري وٽ هڪ افسوسناڪ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 73 ورهين جو بزرگ ۽ 12 ورهين جو معصوم ٻار فوت ٿي ويا. حادثي بابت مليل ڄاڻ موجب، ٻئي ڄڻا روڊ ڪناري ڪائيون ڪري رهيا هئا ته ان دوران تيز رفتار ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

### بدين ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (YDA) سنڌ جي ضلعي بدين ڪابينا جو اعلان

بدين (رجب راهمون) ايسوسيئيشن (YDA) سنڌ جي چيئرمين ڊاڪٽر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

### ڪراچي: سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا جي پوٽي جي وفات تي نثار کهڙو جي تعزيت

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي: سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا جي پوٽي جي وفات/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## جنگشاهي ويجهو هاليجي وائلڊ لائيف سينٽر تي ستن هٿيار بندن جي ڪاهه، چوڪيدار تي تشدد، ڌنڌ ۾ اڇلايو ويو، هڪ شڪي جوابدار گرفتار

جنگشاهي ويجهو هاليجي وائلڊ لائيف سينٽر تي گذريل رات دير سان ستن هٿياربند ڦورن ڪاهه ڪري بجليءَ جو ٽرانسفارمر لاهڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڪرڻ تي سينٽر جي چوڪيدار قادر بخش ملاح کي سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ڌنڌ ۾ اڇلايو ويو

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي ويجهو هاليجي وائلڊ لائيف سينٽر تي ستن هٿيار بندن جي ڪاهه، چوڪيدار تي تشدد، ڌنڌ ۾ اڇلايو ويو. هڪ شڪي جوابدار گرفتار جنگشاهي ويجهو هاليجي وائلڊ لائيف سينٽر تي گذريل رات دير سان ستن هٿياربند ڦورن ڪاهه ڪري بجليءَ جو ٽرانسفارمر لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. مزاحمت ڪرڻ تي سينٽر جي چوڪيدار قادر بخش ملاح کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

## سکر ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين جي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي جي آمد

ملازمن جي جبري برطرفين ۽ نجڪاري جي مخالفت

عقيل ڏاهو، خادم ڪٽپر، برڪت علي مهر سميت ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاڪستان جي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي جي سکر آمد جي موقعي تي يونين پاران تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ يونين جي عهديدارن ۽ ميم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

## روهڙي جي لينس ڊائون پل تي ٽريفڪ جي وڌندڙ دٻاءُ

وڌندڙ دٻاءَ ۽ وڏين گاڏين جي اچ وڃ سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهي

وڏين گاڏين جي گذرڻ تي پابندي هجڻ باوجود ان تي مڪمل عملدرآمد نه ٿيڻ سبب ٽريفڪ جا مسئلا گهٽجڻ بدران وڌي رهيا آهن

روهڙي (رپورٽ: جمال ڪٽپر) روهڙي جي لينس ڊائون پل تي ٽريفڪ جي وڌندڙ دٻاءَ ۽ وڏين گاڏين جي اچ وڃ سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ روز جو م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

## روهڙي ۾ سکر کان لوڪو شيڊ ويندڙ هوجمالو ٽرين جي هڪ ٻوگي پٽڙي تان لهي وئي

ريلوي اسٽيشن جو پليٽ فارم نمبر 4 مڪمل طور بلاڪ ٿي ويو ريلوي انتظاميا ٽريڪ جي بحالي لاءِ رليف ٽرين گهرائي ورتي

جنهن بعد فوري طور امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ سکر کان لوڪو شيڊ ويندڙ هوجمالو ٽرين جي هڪ ٻوگي پٽڙي تان لهي وئي جنهن سبب ريلوي اسٽيشن جو پليٽ فارم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

## ميرپورخاص جي تعليم کاتي ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي وچ ۾ استادن جي تربيت لاءِ معاهدو

استادن کي عورتن جي بااختيار بڻائڻ، صنفي تشدد جي روڪٿام ۽ مثبت مردانگي جي واڌاري بابت تربيت ڏني ويندي

عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ تشدد کان پاڪ، محفوظ ۽ برابري وارو سماج ناهڻ جي طرف هڪ اهم ۽ موثر قدم آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي تعليم کاتي ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي وچ ۾ استادن جي تربيت لاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

## ٺٽو پوليس جي وڏي ڪارروائي، موٽرسائيڪل ڦر ۽ ڦرلٽ جي واردات

ڦر ۽ ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث مبينا ڌوڙاري گروهه جا 3 مک جوابدار گرفتار، 5 موٽرسائيڪلون ۽ 10 موبائل فون هٿ

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو پوليس جي وڏي ڪارروائي، موٽرسائيڪل ڦر ۽ ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث مبينا ڌوڙاري گروهه جا 3 مک جوابدار گرفتار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

## صحت مرڪز ۾ علاج جون مناسب سهولتون فراهم نه ٿيڻ ۽ طبي عملي جي مبينا ناروا رويي خلاف علائقي واسين سخت شڪايتون

صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

صحت مرڪز تي ايندڙ مريضن کي مناسب طبي سهولتون فراهم نه ٿيون ڪيون وڃن

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) محمود آباد بنيادي صحت مرڪز ۾ علاج جون مناسب سهولتون فراهم نه ٿيڻ ۽ طبي عملي جي مبينا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

## ڪراچي: ٽاٽي سچل پوليس جو اسڪيم 33 رند چوڪ وٽ مبينا پوليس مقابلو

سچل پوليس هٿان هڪ زخمي سميت اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن خلاف ٽاٽي سچل ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪاروائي جاري آهي، پوليس

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي: ٽاٽي سچل پوليس جو اسڪيم 33 رند چوڪ وٽ مبينا پوليس مقابلو سچل پوليس هٿان هڪ زخمي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

## مٽياري ۾ ڳوٺاڻين عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

تقريب جو مقصد ڳوٺاڻين عورتن جي حقن، تحفظ، روزگار ۽ سماجي ترقي بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو

ميڊم ارم جلال ٻاتي عورتن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ کين معاشي طور مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) مٽياري ۾ ڳوٺاڻين عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو تفصيل موجب. ڳوٺاڻين عورتن جي عالمي ڏينهن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

## ڪراچي جي رهواسڻ ناري کهاڙو واسي نوجوان سان ٺٽي جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

ناري جي وارثن پاران کين ملنڊڙ موتمار ڌمڪين بعد دربدري جي زندگي گذاريندي

ملنڊڙ موتمار ڌمڪين جي خوف سبب پريس ڪلب ٺٽي پهچي تحفظ جي اپيل

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪراچي ڪانوڙ جي رهواسڻ ناري مسمات ثناء جوڪيو کهارو واسي نوجوان محمد اڪرم جوکيو سان ٺٽي جي عدالت ۾ پي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

## ور شهر ۾ منشيات فروش منشيات جو مان نجات ڏيارڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو

منشيات فروش کلي عام منشيات جو وڪرو ڪري اسانجي نوجوان نسل جون زندگيون تباهه ڪري رهيا آهن

گهر اڳيان بااثر منشيات فروش کلي عام منشيات جو وڪرو ڪري اسانجي نوجوان نسل جون زندگيون تباهه ڪري رهيا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ور شهر ۾ منشيات فروشن منشيات جو مان نجات ڏيارڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ور شهر ۾ سندن گهر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

## گجو لڳ ڳوٺ عطا محمد جوکيو جي رهواسڻ فرزانه ڌيءَ احمد خان جوکيو ٺٽي پهچي احتجاج

سندس والد احمد خان جوکيو سرڪاري ملازم هو. جيڪو ڪافي وقت اڳ وفات ڪري ويو آهي

جنهن جي پينشن سندس امڙ زيب النساء کي ملي ٿي جيڪا ڪيس پنهنجي ڀيءُ جي پينشن مان ڪو به حصو نٿي ڏي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) گجو لڳ ڳوٺ عطا محمد جوکيو جي رهواسڻ فرزانه ڌيءَ احمد خان جوکيو ٺٽي پهچي دانهيندي چيو آهي ته سندس والد اح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

## سرڪاري ڪاتن ۽ غير سرڪاري تنظيمن وچ ۾ گڏيل سهڪار، رابطن ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ضروري آهي: اي ڊي سي ٽو

صحت جون سهولتون پهچائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجي ذميوارين کي مؤثر نموني ادا ڪرڻ گهرجي

عملدرآمد جي صورتحال، ضلعي ۾ غذائيت جي موجوده صورتحال ۽ غذائي ڪوٽ جي روڪٿام لاءِ ڪيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

مختلف لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ٿيندڙ ڪمن، حاصل ڪيل اڳڀرائي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر- II مٽياري امجد جمالي چيو آهي ته ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي پروگرام تي اثرائتي عملدرآمد ۽ ضلعي ۾ غذائيت جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل سرڪاري ڪاتن ۽ غير سرڪاري تنظي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

## پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي پرائمري استادن پاران پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

پرائمري استادن جا مسئلا فوري طور حل ڪري کين بنيادي حق فراهم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي هو ٻئي ڏينهن به پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن

پرائمري استادن جا مطالبا جائز ۽ بنيادي حقن سان لاڳاپيل آهن، جن کي نظرانداز ڪرڻ بدران حڪومت کي فوري طور تسليم ڪرڻ گهرجي

روهڙي (رپورٽر) پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي پرائمري استادن پاران پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ روهڙي پريس ڪلب آڏو ٻئي ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري رکي وئي بک هڙتال تي ويٺل استادن حڪومت کان مطال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

## يوسي پٽڻي جا علائقا ڏهن سالن کان ترقياتي ڪمن کان محروم، گٽرن جو نظام تباهه، شهري پريشان

جي يو آئي وفد جي يوسي چيئرمين سان ملاقات رهواسين کي پيش ايندڙ مشڪلاتن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

صفائي سترائي جي صورتحال جي نگراني ڪئي ويندي يوسي آفيس ۾ ڪمپيوٽرائزڊ نظام قائم ڪيو ويندو

روهڙي (رپورٽ: جمال ڪٽپر) يوسي پٽڻي جا علائقا ڏهن سالن کان ترقياتي ڪمن کان محروم، گٽرن جو نظام تباهه، شهري پريشان جي يو آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

## جنگشاهي قديمي قبرستان تي مبينا قبضي خلاف بروهي برادري جو احتجاج، انتظاميا کان ڪارروائي جو مطالبو

هميرو ميگهواڙ ۽ سندس ساٿي قبرستان جي زمين تي مبينا طور قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

برادري پاران انتظاميا کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي

جنگشاهي جو ماحول پرامن آهي ۽ ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪيو وڃي، جنهن سان ٻن برادرين وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيڻ جو خدشو هجي

جنگشاهي: (رپورٽر) جنگشاهي قديمي قبرستان تي مبينا قبضي خلاف بروهي برادري جو احتجاج، انتظاميا کان ڪارروائي جو مطالبو جنگشاهي: درگاهه حضرت عثمان شاهه بخاري بروهي برادري سان لاڳاپيل قديمي قبرستان جي زمين ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

## صالح پٽ: بارگاهه روڊ تي ڦر، ٻن ڄڻن کان 3 لک 45 هزار رپيا ڦرجي ويا

متاثرن بوجو اوڊ ۽ هريش ٿاٽي تي پهچي ٻڌايو ته هو بينڪ الفلاح مان رقم ڪيرائڻ بعد واپس وڃي رهيا هئا

الفلاح مان رقم ڪيرائڻ بعد واپس وڃي رهيا هئا ته 125 موٽرسائيڪل تي سوار ٻن اڻڄاتل ماڻهن سندن پويان لڳي ويا

ڦرجي واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦرتيل رقم واپس ڪرائي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت) صالح پٽ پرسان بارگاهه روڊ تي ڦر جي واردات پيش آئي آهي، جتي موٽرسائيڪل تي سوار ٻن اڻڄاتل هٿياربندن مبينا طور ٻن ڄڻن کي روڪي ڪانئن 3 لک 45 هزار رپيا ڦري ورتا ۽ فرار ٿي ويا. متاثر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

## سجاول ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ۽ بک هڙتال جو سلسلو شروع

استادن سان سراسر ناانصافيون ٿي رهيون آهن انهيڪري احتجاج ۽ بک هڙتال جو سلسلو شروع

نون استادن کي هڪدم جوائينگ ڏيئي سيئي خالي جاين تي ڀرتي جو سلسلو شروع ڪيو وڃي

بائيو ميٽڪ سسٽم سيڪريٽريٽ بجاءِ ضلعي سطع تي رکي استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ۽ بک هڙتال جو سلسلو شروع ڪيو ويو پريس ڪلب سجاول اڳيان پ ٽ الف سجاول جي صدر شبير احمد ميمڻ حسين ٻارڻ علي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

## ڀهراڙيءَ جون عورتون سماجي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن: ڊي سي

سندن حقن جي تحفظ ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن: ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد

ڀهراڙيءَ جون عورتون ملڪ جي زرعي معيشت، سماجي ترقي ۽ گهريلو نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

صحت، روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين بهتر رسائي فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن حقن جو تحفظ ۽ کين معاشي طور بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

بدين (رجب راهمون) ڀهراڙي جي عورتن واري عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سماجي تنظيم ايل ايچ ڊي پي پاران سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد چيو ته ڀهراڙيءَ جون عور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

## عمرڪوٽ واسي نوجوان ناري رئيا ڌيءَ سنتوش، پنهنجي مامي راجيش، چاچي خوشحال ۽ ڀڳي راڻي سان گڏجي احتجاج

اعليٰ اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ڪئي آهي، رئيا چيو ته سندس والد پنج سال اڳ وفات ڪري ويو

جنهن ڪانپوءِ سندس سوتيلي ماءُ سوتيا مبينا طور والد مرحوم جي جائيداد تي قبضو ڪرڻ جي نيت سان مٿس تشدد ڪندي رهي، جنهن سبب سندس حالت خراب ٿي رئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) عمرڪوٽ واسي نوجوان ناري رئيا ڌيءَ سنتوش، پنهنجي مامي راجيش، چاچي خوشحال ۽ ڀڳي راڻي سان گڏ ايوان صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پنهنجي سوتيلي ماءُ تي تشدد ڪرڻ، هراسان ڪرڻ ۽ والد مرحوم جي جائيداد مان محروم ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ جا الزام لڳائيندي اعليٰ اختيارين کان تحفظ ۽ انص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

## ميرپورخاص: پوليس گردي، مبينا ڪوڙي منشيات ڪيس ۽ جيل ۾ تشدد جا الزام

ڪينسر جي مريضه انصاف لاءِ اعليٰ اختيارين کي اپيل

تشدد ۽ رقم وصول ڪرڻ جي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) باغ مصطفيٰ، ٽاٽو مهراڻ جي حد واسيندڙ ڪينسر جي مريضه شهناز طارق پنهنجي شاگرد پٽن جمشيد، محمد زين ۽ ڌيءَ فضاءَ طارق سان گڏ ايوان صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34